
القرآن الكريم

بامحاوره ترجمو
حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمه الله

لفظي ترجمو
حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي رحمه الله
پير شريف



Maktaba Tul Ishaat



تمام فنون کے کتب ہمارے ویب سائٹ اور پلے سٹور سے فری ڈاؤن لوڈ کریں۔ ہم روزانہ کی بنیاد پر اس میں مزید نئے کتب شامل کر رہے ہیں نئے شامل شدہ کتب لیے روزانہ ہمارے پلے سٹور اور ویب سائٹ کو باقاعدگی سے چیک کیا کریں۔

اپنی کتاب کو ہمارے ویب سائٹ پر شائع کرنے کے لیے رابطہ کریں

تفاسیر	خطبات	منطق
احادیث	سیرت	معانی
فقہ	تاریخ	تصوف
سوانح حیات	صرف	تقابل ادیان
درس نظامی	نحو	تجوید
لغت	فلسفہ	نعت
فتاوی	حکمت	تراجم
اصلاحی	بلاغت	تبلیغ و دعوت
آڈیو دروس	مناظرے	تمام فنون

maktaba.tul.ishaatofficial@gmail.com

لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوْا مِمَّا تُحِبُّوْنَ ؕ۬ وَمَا تُنْفِقُوْا

هرگز نہ حاصل ڪندؤ ڀلائي کي تان جو خرچ ڪريو پنهنجي پياري شيءِ مان، ۽ جا بہ خرچ ڪندؤ

چڱائيءَ کي اوهين ڪڏهن نہ پهچندؤ جيسين جن شين کي دوست رکندا آهيو تن مان (الله جي واٽ ۾ نہ) خرچ ڪريو ۽ جيڪا شيءِ

مِنْ شَيْءٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِيْمٌ ﴿۹۲﴾ كُلُّ الطَّعَامِ كَانَ حِلًّا

ڪا شيءِ پوءِ الله ان کي ڄاڻندڙ آهي. هر کاڌو هئو حلال

(الله لڳ) خرچ ڪريو (سا ٿلي هجي گهڻي) تہ الله ان کي ڄاڻندڙ آهي. هر (ڪنهن قسم جو) طعام بني

لِّبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اِلَّا مَا حَرَّمَ اِسْرَآءِيْلُ عَلٰى نَفْسِهٖ مِنْ قَبْلِ

بني اسرائيل لاءِ مگر اهو جنهن کي حرام ڪيو يعقوب پنهنجي نفس تي اڳي

اسرائيل لاءِ حلال هو ان کان سواءِ جيڪو يعقوب پاڻ تي توريت جي لهڻ کان اڳ حرام ڪيو هو

اَنْ تُنَزَّلَ التَّوْرٰىةُ ؕ قُلْ فَاْتُوْا بِالتَّوْرٰىةِ فَاتْلُوْهَآ اِنْ

نازل ٿيڻ توريت کان، تون چئو آڻيو توريت کي پوءِ پڙهي ٻڌايو اهو جيڪڏهن

(اي پيغمبرا) چئو تہ، جيڪڏهن اوهين سچا آهيو تہ توريت آڻيو پوءِ اهو پڙهو.

كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۹۳﴾ فَمَنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ مِنْۢ بَعْدِ

آهيو سچا. پوءِ جنهن ٺاهيو الله تي ڪوڙ انهيءَ کان

پوءِ جيڪي هن کان پوءِ الله تي ڪوڙ ٺاهيندا سي ئي ظالم آهن.

ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿۹۴﴾ قُلْ صَدَقَ اللّٰهُ ۫ فَاتَّبِعُوْا

بعد پوءِ اهي ئي ظالم آهن. چئو سچ فرمايو الله. پوءِ تابع ٿيو

(اي پيغمبرا) چئو تہ، الله سچ چيو آهي پوءِ ابراهيم حنيف (هڪ طرفي) جي دين جي

مِلَّةَ اِبْرٰهِيْمَ حَنِيْفًا ؕ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿۹۵﴾ اِنَّ

دين ابراهيم کي جو هڪ طرفو هو، ۽ نہ هئو شرڪ ڪندڙن مان. يقينن

تابعداري ڪريو ۽ (ابراهيم) مشرڪن مان نہ هو. (عبادت جي) پهرين گهر

اَوَّلَ بَيْتٍ وُّضِعَ لِلنَّاسِ لَلَّذِيْ بِبَكَّةَ مُبٰرَكًا وَّهُدًى

پهريون گهر جو رکيو ويو ماڻهن لاءِ اهو آهي مڪي ۾ برڪت وارو ۽ هدايت

جو ماڻهن لاءِ بڻايو ويو سو اهو ئي آهي جو مڪي ۾ برڪت وارو ۽ جڳ لاءِ هدايت آهي.

لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿۹۶﴾ فِيْهِ اٰيٰتٌۢ بَيِّنٰتٌ مَّقَامُ اِبْرٰهِيْمَ ۚ وَمَنْ دَخَلَهٗ

جهان وارن لاءِ. ان ۾ نشانيون آهن ظاهر (چٽيون) مقام ابراهيم، ۽ جيڪو ايندو ان ۾

جنهن ۾ پڌريون نشانيون آهن (هڪڙي) مقام ابراهيم آهي (جو ان ۾ ابراهيم جي پيرن جو نشان آهي) ۽

وقف جبرئيل عليه السلام

كَانَ اٰمِنًا ؕ وَلِلّٰهِ عَلَى النَّاسِ حِجُّ الْبَيْتِ مَنِ اسْتَطَاعَ

ٿيندو امن وارو. ۽ الله لاءِ آهي ماڻهن تي حج ڪرڻ بيت الله جو جيڪو طاقت رکي

جيڪو اتي داخل ٿيو سو امن وارو آهي. ۽ الله لاءِ خاني ڪعبي جو حج انهن ماڻهن تي لازم آهي جن کي ڏانهنس

اِلَيْهِ سَبِيْلًا ؕ وَمَنْ كَفَرَ فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ عَنِ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٩٧﴾

ان تائين رستي جي. ۽ جنهن انڪار ڪيو پوءِ بيشڪ الله بي پرواهه آهي جهان وارن کان.

واٽ وٺڻ جي سگهه آهي. ۽ جنهن انڪار ڪيو (ته الله کي پرواهه نه آهي) ڇو ته الله جهانن کان بي پرواهه آهي.

قُلْ يٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ لِمَ تَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ۖۗ وَاللّٰهُ شَهِيْدٌ

چؤ اي اهل ڪتاب ڇو ٿا انڪار ڪريو الله جي آيتن جو حالانڪ الله شاهد آهي

(اي پيغمبر! ڪين) چئو ته. اي ڪتاب وارؤ! الله جي آيتن کي ڇو نٿا مڃيو؟ ۽ (حقيقت ڪري) جيڪي ڪندا آهيو

عَلٰى مَا تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٨﴾ قُلْ يٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ لِمَ تَصُدُّوْنَ

ان تي جيڪي ڪريو ٿا. چؤ اي اهل ڪتاب ڇو ٿا روڪيو

تنهن تي الله شاهد آهي. (اي پيغمبر!) چئو ته. اي ڪتاب وارؤ! جيڪو ايمان آڻي تنهن کي الله جي واٽ کان ڇو ٿا جهليو؟

عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ تَبْغُوْنَهَا عِوَجًا وَّاَنْتُمْ شُهَدَآءُ ؕ وَ

الله جي رستي کان انهن کي جن ايمان آندو ڳوليو ٿا ان ۾ عيب ۽ توهان شاهد آهيو. ۽

اُن (واٽ) جي ڏنگائي ٿا گهرو؟ هن هوندي جو اوهين ڄاڻندڙ آهيو ۽ جيڪي (اوهين) ڪندا آهيو

مَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٩﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنْ تُطِيْعُوْا

ناهي الله بي خبر توهان جي عملن کان. اي اهي جن ايمان آندو جيڪڏهن چيو وٺندؤ

تنهن کان الله بي خبر نه آهي. اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن ڪتاب وارن مان ڪنهن به ٽوليءَ جي

فَرِيْقًا مِّنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ يَرُدُّوْكُمْ بَعْدَ اِيْمَانِكُمْ

ڪنهن ٽولي جو انهن مان جن کي ڏنو ويو ڪتاب ته موٽائيندا توهان کي ايمان کان پوءِ

فرمانبرداري ڪندؤ ته، اوهان جي ايمان آڻڻ کان پوءِ اوهان کي ڦيرائي ڪافر ڪندا.

كٰفِرِيْنَ ﴿١٠٠﴾ وَكَيْفَ تَكْفُرُوْنَ وَاَنْتُمْ تُتْلٰى عَلَيْكُمْ اٰيٰتُ اللّٰهِ وَ

ڪافر ڪري. ۽ ڪيئن ٿا ڪفر ڪريو هوڏانهن پڙهجن ٿيون توهان تي آيتون الله جون ۽

۽ (اوهين) هن هوندي ڪيئن ڪافر ٿا ٿيو؟ جو الله جون آيتون اوهان تي پڙهجن ٿيون ۽ سندس پيغمبر

فِيْكُمْ رَسُوْلُهٗ ؕ وَمَنْ يَّعْتَصِمْ بِاللّٰهِ فَقَدْ هُدِيَ اِلٰى صِرَاطٍ

توهان ۾ آهي رسول ان جو. ۽ جيڪو چنبڙندو الله کي پوءِ اهو هدايت وارو ٿيو رستي

اوهان ۾ آهي، ۽ جيڪو الله (جي دين) کي چنبڙي وٺندو تنهن کي بيشڪ سڌيءَ واٽ ڏانهن رستو ڏيکاريو ويندو.

مُّسْتَقِيْمٍ ﴿١٠١﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ حَقَّ تُقٰتِهٖ وَلَا

سڌي ڏانهن. اي ايمان وارو ڊڄو الله کان جهڙو ڊڄڻ گهرجي ان کان ۽ نه

اي مومنو! الله کان (ائين) ڊڄو جيئن کانئس ڊڄڻ جو حق آهي ۽ اوهين مسلمان

تَمُوْتُنَّ اِلَّا وَاَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿١٠٢﴾ وَاعْتَصِمُوْا بِحَبْلِ اللّٰهِ جَمِيْعًا

مرجو مگر توهان مسلمان هجو. ۽ چنبڙو رسيءَ الله جي کي گڏجي

هجڻ کان سواءِ نه مرجو. ۽ الله جي رسيءَ (يعني قرآن) کي سڀئي چنبڙي وٺو ۽ ڌار ڌار نه ٿيو

وَّلَا تَفَرَّقُوْا ص وَاذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ كُنْتُمْ اَعْدَآءً

۽ نه ڌار ڌار ٿيو ۽ ياد ڪريو احسان الله جو پنهنجي مٿان جڏهن توهان هئا پاڻ ۾ دشمن

۽ پاڻ تي الله جي نعمت کي ياد ڪريو جو جڏهن پاڻ ۾ ويري هيؤ پوءِ

فَاَلَّفَ بَيْنَ قُلُوْبِكُمْ فَاَصْبَحْتُمْ بِنِعْمَتِهٖٓ اِخْوَانًا ج وَكُنْتُمْ

پوءِ جوڙ پيدا ڪيائين توهان جي دلين ۾ پوءِ ٿي پيا اوهين ان جي مهرباني سان ڀائر ۽ توهان هئا

اوهان جي دلين ۾ ميلاپ وڌائين پوءِ سندس فضل سان هڪٻئي جا ڀائر ٿيؤ ۽ اوهين

عَلٰى شَفَا حُفْرَةٍ مِّنَ النَّارِ فَاَنْقَذَكُمْ مِّنْهَا ط كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ

ڪناري ڪڏ باهه جي تي پوءِ بچايائين توهان کي انهيءَ کان، اهڙي طرح پڌائي ٿو

دوزخ جي ڪڏ جي پر تي هيؤ پوءِ اوهان کي کانئس بچايائين، اهڙيءَ طرح الله اوهان لاءِ

اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿١٠٣﴾ وَلْتَكُنْ مِّنْكُمْ اُمَّةٌ

الله توهان کي پنهنجون آيتون . جيئن توهان هدايت وارا ٿيو. ۽ پل ته هجي توهان مان هڪ اهڙي جماعت

پنهنجيون نشانيون بيان ڪندو آهي ته مَنَ اوهين هدايت وارا ٿيو. ۽ اوهان ۾ هڪ اهڙي جماعت هئڻ گهرجي

يَّدْعُوْنَ اِلَى الْخَيْرِ وَيَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهَوْنَ

جو سڏين نيڪي ڏانهن ۽ حڪم ڪن چڱن ڪمن جو ۽ روڪين

جي چڱائيءَ ڏانهن سڏين ۽ چڱن ڪمن جو حڪم ڪن ۽ برن ڪمن کان جهلين

عَنِ الْمُنْكَرِ ط وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿١٠٤﴾ وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ

بڇڙائي کان، ۽ اهي ئي آهن ڪامياب. ۽ نه ٿجو انهن وانگر جيڪي

۽ اهي ئي ڪامياب آهن، ۽ اوهين انهن جهڙا نه ٿيو جي فرقو فرقو ٿي ويا

تَفَرَّقُوْا وَاخْتَلَفُوْا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَهُمُ الْبَيِّنٰتُ ط وَاُولٰٓئِكَ

ڌار ٿي ويا ۽ اختلاف ڪيائون ان کان پوءِ جو آيا انهن وٽ چٽا دليل، ۽ اهي ئي آهن

۽ وٽن معجزا آيا ان کان پوءِ به تڪرار ڪيائون ، ۽ انهن لاءِ وڏو عذاب

لَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿١٠٥﴾ يَّوْمَ تَبْيَضُّ وُجُوْهٌ وَّتَسْوَدُّ وُجُوْهٌ ۚ
جن لاءِ آهي عذاب وڏو. جنهن ڏينهن سفيد ٿيندا ڪي منهن ۽ ڪارا ٿيندا ڪي منهن.
آهي. اُنهيءَ ڏينهن، جو ڪي منهن گورا ٿيندا ۽ ڪي منهن ڪارا ٿيندا.

فَاَمَّا الَّذِيْنَ اسْوَدَّتْ وُجُوْهُهُمْ ۣ اَكَفَرْتُمْ بَعْدَ اِيْمَانِكُمْ
پوءِ اهي ماڻهو جن جا ڪارا ٿيا منهن (کين چئبو) ڇا توهان ڪفر ڪيو پنهنجي ايمان کان پوءِ.
پوءِ جن جا منهن ڪارا ٿيندا (چيو ويندن تہ) اوهين پنهنجي ايمان (آڻڻ) کان پوءِ ڇو

فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ﴿١٠٦﴾ وَاَمَّا الَّذِيْنَ
پوءِ چکو عذاب کي هن ڪري جو توهان ڪفر ڪندا هئا. ۽ اهي ماڻهو جو
ڪافر ٿيوَ؟ پوءِ اُنهيءَ ڪري جو اوهين ڪافر ٿيا هيوَ عذاب (جو مزو) چکو. ۽ جن جا

ابْيَضَّتْ وُجُوْهُهُمْ فَفِيْ رَحْمَةِ اللّٰهِ ۭ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿١٠٧﴾
روشن ٿيا انهن جا منهن سي الله جي رحمت ۾ هوندا. اهي ان ۾ هميشہ رهندا.
منهن گورا هوندا سي الله جي رحمت هيٺ رهندا، اهي منجهس سدائين رهڻ وارا هوندا.

تِلْكَ اٰيٰتُ اللّٰهِ نَتْلُوْهَا عَلَيْكَ بِالْحَقِّ ۭ وَمَا اللّٰهُ يُرِيْدُ ظُلْمًا
اِهي آيتون الله جون آهن جن کي پڙهون ٿا تو تي اظهار حق لاءِ، ۽ الله نہ ٿو ارادو ڪري ظلم جو
(اي پيغمبر!) اهي الله جون آيتون آهن جي (اسين) توتي سچيءَ طرح پڙهون ٿا . ۽ الله جهانن لاءِ ظلم ڪرڻ

لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠٨﴾ وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۭ وَاِلَى اللّٰهِ
جهان وارن تي . ۽ الله جو ئي آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي، ۽ الله ڏانهن
نہ گهرندو آهي. ۽ جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي (سو خاص) الله جو آهي، ۽ (سڀ) ڪم

تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿١٠٩﴾ ع كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَاْمُرُوْنَ
موٽن ٿا سڀ ڪم. توهان ڀلي اُمت آهيو جا اتاري وئي ماڻهن لاءِ حڪم ڪريو ٿا
الله ڏانهن موٽايا ويندا. اوهين اهڙي ڀلي امت ماڻهن لاءِ پيدا ٿيل آهيو جو چڱن ڪمن جو حڪم ڪندا آهيو

بِالْمَعْرُوْفِ وَتَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَتُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ ۭ وَلَوْ اٰمَنَ
چڱن ڪمن جو ۽ روڪيو ٿا بڇڙن ڪمن کان ۽ ايمان آڻيو ٿا الله تي، ۽ جيڪڏهن ايمان آڻن ها
۽ برن ڪمن کان جهليندا آهيو ۽ الله کي مڃيندا آهيو ، ۽ جيڪڏهن اهل ڪتاب ايمان آڻين ها

اَهْلُ الْكِتٰبِ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ ۭ مِنْهُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ وَاَكْثَرُهُمُ
اهل ڪتاب تہ ٿئي ها ڀلو انهن جو. ڪي انهن مان ايمان وارا آهن ۽ گهڻا انهن جا
تہ يقينن تن لاءِ ڀلو هجي ها ، منجهانئن ڪي مؤمن آهن ۽ منجهانئن گهڻا بي دين آهن.

الْفٰسِقُوْنَ ﴿۱۱۰﴾ لَنْ يَّضُرُّوْكُمْ اِلَّآ اَذًى ؕ وَاِنْ يُّقَاتِلُوْكُمْ يُوَلُّوْكُمُ

بي فرمان آهن. اهي نہ تڪليف ڏيندا توهان کي مگر بدزباني جي. ۽ جيڪڏهن جنگ ڪندا توهان سان تہ ڦيريندا اوهان ڏي

(اهي زباني) ايذاء کان سواء اوهان کي ڪڏهن ڏکوئي نہ سگهندا. ۽ جيڪڏهن اوهان سان وڙهندا تہ

الْاَدْبَارَ قف ثُمَّ لَا يُنْصَرُوْنَ ﴿۱۱۱﴾ ضُرِبَتْ عَلَيْهِمُ الذِّلَّةُ اَيْنَ مَا ثُقِفُوْٓا

پٺيون پوءِ مدد نہ ملندن . هنئي وئي انهن تي ذلت جتي بہ لڌا وڃن

اوهان کي پٺي ڏيئي ڀڄندا، وري مدد نہ ڏبن. الله جي ذمي ۽ ماڻهن جي پناه کان سواءِ

اِلَّا بِحَبْلٍ مِّنَ اللّٰهِ وَحَبْلٍ مِّنَ النَّاسِ وَبَآءُوْ بِغَضَبٍ

مگر جي وٺن رَسي الله جي ۽ رَسي . ماڻهن جي ۽ موٽيا ڏمر

جتي لڌا ويندا، اتي مٿن خواري هنئي وئي آهي ۽ الله جي ڏمر هيٺ وريا

مِّنَ اللّٰهِ وَضُرِبَتْ عَلَيْهِمُ الْمَسْكَنَةُ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ

الله جي سان ۽ هنئي وئي مٿن محتاجي، اهو هن لاءِ جو اهي نہ مڃيندا هئا

۽ مٿن محتاجي هنئي وئي آهي. اِها (سزا) هن ڪري آهي جو الله جي آيتن کي نہ ٿي مڃيائون

بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَيَقْتُلُوْنَ الْاَنْۢبِيَآءَ بِغَيْرِ حَقٍّ ؕ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّ

الله جي آيتن کي ۽ قتل ڪندا هئا نبين کي نا حق . اهو هن ڪري جو بي فرماني ڪيائون ۽

۽ پيغمبرن کي ناحق ٿي ڪُهائون۔ اهي (عادتون) اِنهيءَ ڪري آهن جو بي فرماني ڪيائون ۽

كَانُوْا يَعْتَدُوْنَ ﴿۱۱۲﴾ لَيْسُوْا سَوَآءً ؕ مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ اُمَّةٌ قَآئِمَةٌ

حد کان لنگهندا هئا. اهي نہ آهن هڪ جهڙا، اهل ڪتاب مان ڪا جماعت آهي سڌي رستي تي

حد کان لنگهندڙ هئا. اِهي (سڀ) هڪ جهڙا نہ آهن ، ڪتاب وارن مان هڪڙي اهڙي سڌي ٽولي آهي

يَّتْلُوْنَ اٰيٰتِ اللّٰهِ اٰنَآءَ الَّيْلِ وَهُمْ يَسْجُدُوْنَ ﴿۱۱۳﴾ يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ

پڙهن ٿا آيتون الله جون رات جي وقتن ۾ ۽ اهي سجدو ڪن ٿا. ايمان آڻن ٿا الله تي

جو الله جون آيتون رات جي وقتن ۾ پڙهندا آهن ۽ اهي نماز (بہ) پڙهندا آهن. الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي

وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَيَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَ

۽ ڏينهن قيامت تي ۽ حڪم ڪن ٿا چڱن ڪمن جو ۽ روڪين ٿا برائي کان ۽

مڃيندا آهن ۽ چڱن ڪمن جو حڪم ڪندا آهن ۽ بُرن ڪمن کان جهليندا آهن ۽

يُسَارِعُوْنَ فِي الْخَيْرٰتِ ؕ وَاُولٰٓئِكَ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۱۱۴﴾ وَمَا يَفْعَلُوْا

تڪڙ ڪن ٿا چڱاين ۾، ۽ اهي ماڻهو ڀلارا آهن. ۽ جيڪا ڪندا

نيڪين (يعني دين مڃڻ) ۾ اڳرائي ڪندا آهن ، ۽ اهي ڀلارن مان آهن. ۽ جيڪا بہ چڱائي ڪندا آهن.

مِنْ خَيْرٍ فَلَنْ يُّكْفَرُوْهُ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۱۵﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ
ڪا ڀلائي ته هرگز نه انڪار ڪيو ويندن ان جو. ۽ الله ڄاڻندڙ آهي پرهيزگارن کي. أهي ماڻهو
تنهن جي بي قدري هرگز نه ڪبي ، ۽ الله پرهيزگارن کي ڄاڻندڙ آهي. جن ڪفر ڪيو تن

كَفَرُوْا لَنْ تُغْنِيَ عَنْهُمْ اَمْوَالُهُمْ وَلَآ اَوْلَادُهُمْ مِّنَ اللّٰهِ
جن ڪفر ڪيو هرگز نه ڪم ايندو انهن کي سندن مال ۽ نه سندن اولاد الله وٽ
کان نڪي سندن مال ۽ نڪي سندن اولاد الله جو ڪجهه (عذاب) ٽاري سگهندا.

شَيْـًٔا ؕ وَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۱۱۶﴾ مَثَلُ مَا
ڪجهه به، ۽ اهي دوزخي آهن ، اهي انهيءَ ۾ هميشه رهندا. مثال ان جو جيڪي
۽ اهي دوزخي آهن، اهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن. هن دنيا جي حياتيءَ ۾

يُنْفِقُوْنَ فِيْ هٰذِهِ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا كَمَثَلِ رِيْحٍ فِيْهَا صِرٌّ اَصَابَتْ
خرچ ڪن ٿا هن حياتي دنيا جي ۾ اهڙي واءَ مثل آهي جنهن ۾ هجي پارو جو پيو
جيڪي (رياءَ لاءِ) خرچ ڪندا آهن تنهن جو مثال انهيءَ واءَ جي مثال وانگر آهي جنهن ۾ پارو هجي جو

حَرْثَ قَوْمٍ ظَلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ فَاَهْلَكَتْهُ ؕ وَمَا ظَلَمَهُمُ اللّٰهُ
ماڻهن جي پوک تي جن ظلم ڪيو پاڻ تي پوءِ تباهه ڪيائين ان کي، ۽ نه ظلم ڪيو انهن تي الله
ان ٽوليءَ جي پوک کي لڳي جن پاڻ تي ظلم ڪيو پوءِ ان (پوک) کي ناس ڪري. ۽ الله ساڻن ظلم نه ڪيو آهي

وَلٰكِنْ اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿۱۱۷﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْا
پر اهي پاڻ تي ظلم ڪن ٿا. اي ايمان وارو نه وٺو
پر اهي پاڻ تي ظلم ڪن ٿا. اي ايمان وارؤ پنهنجن (مسلمانن) کان سواءِ ٻين (قومن) کي ڳجهو دوست ڪري

بِطَانَةً مِّنْ دُوْنِكُمْ لَا يَاْلُوْنَكُمْ خَبَالًا ؕ وَدُّوْا مَا عَنِتُّمْ ۚ قَدْ
ڳُنهنجو ڪري ڌارين کي اهي ڪين گهٽائيندا توهان سان شرارت ۾، گهرن ٿا ته توهان تڪليف ۾ هجو. ظاهر
نه وٺو (جو) اوهان جي نقصان ڪرڻ ۾ ڪا گهٽتائي نه ڪندا آهن. اوهان جي تڪليف پسند ڪيائون. بيشڪ

بَدَتِ الْبَغْضَآءُ مِنْ اَفْوَاهِهِمْ ۚۖ وَمَا تُخْفِيْ صُدُوْرُهُمْ اَكْبَرُ ؕ
ٿي آهي دشمني سندن واتن مان ۽ جيڪي لڪائن ٿيون انهن جون دليون سو تمام وڏيڪ آهي.
سندن واتن مان دشمني پڌري ٿي آهي ۽ جيڪو (ساڙ) سندن سينن لڪايو آهي سو تمام وڏو آهي.

قَدْ بَيَّنَّا لَكُمُ الْاٰيٰتِ اِنْ كُنْتُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿۱۱۸﴾ هٰٓاَنْتُمْ اُولَآءِ تُحِبُّوْنَهُمْ
بيشڪ ٻڌايون سون اوهان کي آيتون جيڪڏهن توهان سمجهو. اجهو توهان أهي آهيو جو دوست رکو ٿا انهن کي
بيشڪ اسان اوهان لاءِ نشانيون بيان ڪيون آهن، جيڪڏهن سمجهندا آهيو. اوهين اهي آهيو جو انهن کي دوست رکندا

وَلَا يُحِبُّوْنَكُمْ وَتُؤْمِنُوْنَ بِالْكِتٰبِ كُلِّهٖ ۚ وَاِذَا لَقُوْكُمْ قَالُوْٓا

۽ اهي نہ ٿا چاهين توهان کي حالانڪ توهان مڃو ٿا ڪتاب سموري کي، ۽ جڏهن گڏجن ٿا توهان کي چون ٿا

آهيو ۽ اهي اوهان کي دوست نہ رکندا آهن ۽ اوهين الله جي سڄي ڪتاب کي مڃيندا آهيو، ۽ جڏهن اوهان سان ملن ٿا (تڏهن) چون ٿا

اٰمَنَّا ۚۖ وَاِذَا خَلَوْا عَضُّوْا عَلَيْكُمُ الْاَنَامِلَ مِنَ الْغَيْظِ ؕ قُلْ

اسين مسلمان آهيون، ۽ جڏهن اڪيلا ٿين ٿا تہ چٻاڙن ٿا توهان تي آڱريون غصي کان، چوين

تہ مڃيوسين، ۽ جڏهن اڪيلا ٿين ٿا (تڏهن) اوهان تي ڪاوڙ کان آڱرين کي چٻين ٿا. (اي پيغمبر! کين) چئو

مُوْتُوْا بِغَيْظِكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿۱۱۹﴾ اِنْ

مرو پنهنجي ڪاوڙ ۾، بيشڪ الله ڄاڻندڙ آهي دلين جي راز کي. جيڪڏهن

تہ (اوهين) پنهنجي ڪاوڙ سببان مرو! ڇو تہ الله سينن وارو (راز) ڄاڻندو آهي. (اي مومنو!) جيڪڏهن

تَمْسَسْكُمْ حَسَنَةٌ تَسُؤْهُمْ ؗ وَاِنْ تُصِبْكُمْ سَيِّئَةٌ يَّفْرَحُوْا بِهَا ؕ

پهچي توهان کي ڪا چڱائي تہ بُري ٿي لڳي انهن کي ۽ جيڪڏهن پهچي ٿي توهان کي ڪا برائي تہ خوش ٿين ٿا ان تي،

اوهانکي ڪا چڱائي پهچندي آهي تہ کين ڏکوئيندي آهي ۽ جيڪڏهن اوهان کي ڪو ڏک پهچندو آهي تہ اُن سببان خوش ٿيندا آهن،

وَاِنْ تَصْبِرُوْا وَتَتَّقُوْا لَا يَضُرُّكُمْ كَيْدُهُمْ شَيْـًٔا ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِمَا

۽ جيڪڏهن توهان صبر ڪندؤ ۽ پرهيزڪندؤ تہ نہ نقصان ڪندي توهان کي ٺڳي انهن جي ڪجهہ بہ، بيشڪ الله انهن جي

۽ جيڪڏهن اوهين صبر ڪريو ۽ پرهيزگاري ڪريو تہ سندن مڪر اوهان کي ڪوبہ نقصان نہ رسائيندو ڇو تہ جيڪي ڪندا آهن

يَعْمَلُوْنَ مُحِيْطٌ ﴿۱۲۰﴾ ع وَاِذْ غَدَوْتَ مِنْ اَهْلِكَ تُبَوِّئُ الْمُؤْمِنِيْنَ

عملن تي گهيرو ڪندڙ آهي. ۽ جڏهن تون صبح جو نڪري آئين پنهنجي گهر کان بيهارين پيو مسلمانن کي

تنهن کي الله گهيرو ڪندڙ آهي. (اي پيغمبر! ياد ڪر) جنهن مهل (تون) پنهنجي گهر مان سويرو نڪتين جو مومنن کي

مَقَاعِدَ لِلْقِتَالِ ؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۱۲۱﴾ ۙ اِذْ هَمَّتْ طَّآئِفَتٰنِ

مورچن تي جنگ لاءِ، ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. جڏهن لڪائي توهان جي ٻن

جنگ لاءِ مورچن تي وهاريئي ٿي، ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. (ياد ڪر!) جنهن مهل اوهان مان ٻن ٽولين ٻي همت ٿيڻ جو

مِنْكُمْ اَنْ تَفْشَلَا ۙ وَاللّٰهُ وَلِيُّهُمَا ؕ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ

ٽولن سستي ۽ الله انهن جو مددگار هئو ، ۽ الله تي ڀل ڀروسو ڪن

ارادو ڪيو ۽ الله سندن مددگار هو ۽ مومنن کي جڳائي تہ الله تي ڀروسو ڪن.

الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۲۲﴾ وَلَقَدْ نَصَرَكُمُ اللّٰهُ بِبَدْرٍ وَّاَنْتُمْ اَذِلَّةٌ ۚ فَاتَّقُوا

ايمان وارا. ۽ بيشڪ مدد ڪئي توهان جي الله بدر ۾ هو ڏاڍهن توهان هئا ڪمزور. پوءِ ڊڄو

۽ بيشڪ اوهان کي اهڙيءَ حالت ۾ جو اوهين ڪمزور هيو بدر ۾ سوڀ ڏني، پوءِ الله کان ڊڄو مَن اوهين

ع ۱۲/۴

اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿١٢٣﴾ اِذْ تَقُوْلُ لِلْمُؤْمِنِيْنَ اَلَنْ يَّكْفِيَكُمْ

الله کان تہ جيئن شڪر ڪريو. جڏهن وقت تو چيو ٿي مسلمانن کي تہ ڇا نہ آهي ڪافي توهان کي

شڪر ڪريو. (اي پيغمبرا انهيءَ مهل کي ياد ڪر) جنهن مهل تو مومنن کي چيو ٿي تہ اوهان کي اوهان جي

اَنْ يُّمِدَّكُمْ رَبُّكُمْ بِثَلٰثَةِ اٰلٰفٍ مِّنَ الْمَلٰٓئِكَةِ مُنْزَلِيْنَ ﴿١٢٤﴾

جو مدد ڪري توهان جي توهان جو رب ٽن هزارن ملائڪن سان آسمان مان لاهي.

پالڻهار جي ٽن هزارن (آسمان کان) لاٿل ملائڪن سان مدد ڪرڻ ڪافي نہ آهي ڇا؟.

بَلٰٓى ۙ اِنْ تَصْبِرُوْا وَتَتَّقُوْا وَيَاْتُوْكُمْ مِّنْ فَوْرِهِمْ هٰذَا يُمْدِدْكُمْ

هائو جيڪڏهن صبر ڪندؤ ۽ پرهيزڪندؤ ۽ اهي اچن توهان تي انهيءَ گهڙيءَ ۾ تہ مدد موڪليندو

هائو! جيڪڏهن اوهين صبر ڪريو ۽ پرهيزگار ٿيو ۽ هڪدم اهي (ڪافر) اوهان تي اچي ڪڙڪن تہ اوهان جو پالڻهار

رَبُّكُمْ بِخَمْسَةِ اٰلٰفٍ مِّنَ الْمَلٰٓئِكَةِ مُسَوِّمِيْنَ ﴿١٢٥﴾ وَمَا جَعَلَهُ

توهان جو رب پنجن هزارن ملائڪن نشان رکندڙن سان. ۽ نہ ڪيو ان کي

پنجن هزارن نشان ڪيل ملائڪن سان اوهان کي مدد ڏيندو. ۽ الله اُن (مدد) کي رڳو اوهان جي

اللّٰهُ اِلَّا بُشْرٰى لَكُمْ وَلِتَطْمَئِنَّ قُلُوْبُكُمْ بِهٖ ۗ وَمَا النَّصْرُ اِلَّا

الله مگر توهان جي خوشيءَ لاءِ ۽ جئن قرار وٺن دليون توهان جون ان سان ۽ ناهي مدد مگر

خوشخبريءَ لاءِ ڪيو آهي، ۽ هن لاءِ تہ اوهان جون دليون اُن سان (پلي تہ) اطمينان وٺن. ۽ الله غالب

مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ ﴿١٢٦﴾ لِيَقْطَعَ طَرَفًا مِّنَ الَّذِيْنَ

الله جي طرفان اهو زبردست حڪمت وارو آهي. جئن ڪپي چونڊ ماڻهو

حڪمت واري جي پارکان سواءِ ڪا مدد (ملڻي) نہ آهي. (۽) هن لاءِ تہ هڪ پاسو (يعني پاڳو) ڪافرن جو ڇني ڇڏي

كَفَرُوْٓا اَوْ يَكْبِتَهُمْ فَيَنْقَلِبُوْا خَآئِبِيْنَ ﴿١٢٧﴾ لَيْسَ لَكَ مِنَ الْاَمْرِ

ڪافرن جا يا ذليل ڪري انهن کي پوءِ موٽي وڃن ناڪام ٿي. ناهي تنهنجو هن ڪم ۾

يا کين هيٺو ڪري ڇڏي تہ بي نصيب ٿي ڦرن. (اي پيغمبرا) اُن ڪم ۾ تنهنجو ڪو واسطو نہ آهي

شَيْءٌ اَوْ يَتُوْبَ عَلَيْهِمْ اَوْ يُعَذِّبَهُمْ فَاِنَّهُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿١٢٨﴾ وَ

ڪجهہ بہ يا الله توبهہ قبول ڪري انهن جي يا عذاب ڪري انهن کي پوءِ بلاشڪ اهي ظالم آهن. ۽

(الله) يا مٿن ٻاجهہ سان موٽندو يا کين عذاب ڪندو ڇو تہ اهي ظالم آهن. ۽ جيڪي آسمانن

لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۗ يَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَ

الله جوئي آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي. بخشيندو جنهن کي گهري ۽

۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي (سو خاص) الله جو آهي، جنهن کي گهرندو آهي، تنهن کي بخشيندو آهي

يُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۲۹﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ

عذاب ڪندو جنهن کي گهري، ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. اي اهي جن

۽ جنهن کي گهرندو تنهن کي عذاب ڪندو آهي، ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. اي ايمان وارؤا

اٰمَنُوْا لَا تَاْكُلُوا الرِّبٰٓوا اَضْعَافًا مُّضٰعَفَةً ص وَّاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ

ايمان آندو نه کائو وياج ٻيڻو چوڻو ڪري ۽ ڊڄو الله کان ته جيئن توهان

(اوهين) وياج ٻيڻو چوڻو نه کائو ۽ الله کان ڊڄو مَنَ اوهين ڪامياب ٿيو.

تُفْلِحُوْنَ ﴿۱۳۰﴾ ج وَاتَّقُوا النَّارَ الَّتِيْٓ اُعِدَّتْ لِلْكٰفِرِيْنَ ﴿۱۳۱﴾ ج وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ

ڪامياب ٿيو. ۽ ڊڄو ان باهه کان جا تيار ڪئي وئي آهي ڪافرن لاءِ. ۽ حڪم مڃو الله جو

۽ اُن باهه کان ڊڄو جيڪا ڪافرن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي. ۽ الله ۽ رسول جي

وَالرَّسُوْلَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿۱۳۲﴾ ج وَسَارِعُوْٓا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ

۽ رسول جو مَنَ توهان رحم ڪيا وڃو. ۽ ڊوڙو بخشش ڏانهن پنهنجي رب جي،

فرمانبرداري ڪريو ته مَن اوهان تي ٻاجهه ڪئي وڃي. ۽ (اوهين) پنهنجي پالڻهار جي بخشش ۽

وَجَنَّةٍ عَرْضُهَا السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُ ۙ اُعِدَّتْ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۳۳﴾ لا الَّذِيْنَ

۽ جنت ڏانهن جنهن جي ويڪر آسمانن ۽ زمين جيتري آهي تيار ڪئي وئي آهي پرهيزگارن لاءِ. جيڪي

اُنهيءَ بهشت ڏانهن اگرائي ڪريو جنهن جي ويڪر آسمانن ۽ زمين جيتري آهي، اُنهن پرهيزگارن لاءِ تيار ڪيو

يُنْفِقُوْنَ فِي السَّرَّآءِ وَالضَّرَّآءِ وَالْكٰظِمِيْنَ الْغَيْظَ وَالْعَافِيْنَ

خرچ ڪن ٿا سک ۽ ڏک ۾ ۽ ڪائن ٿا ڪاوڙ کي ۽ معاف ڪن ٿا

ويو. جيڪي سک ۽ ڏک ۾ (الله ڪارڻ) خرچ ڪندا آهن ۽ ڪاوڙ ڪائيندڙ ۽ ماڻهن (جا قصور)

عَنِ النَّاسِ ؕ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۳۴﴾ ج وَالَّذِيْنَ اِذَا فَعَلُوْا

ماڻهن کي، ۽ الله پسند تو ڪري ڀلائي ڪندڙن کي. ۽ اهي جڏهن ڪن ٿا

معاف ڪندڙ آهن، ۽ الله ڀلارن کي دوست رکندو آهي. ۽ اهي جڏهن ڪو بيحيائيءَ جو ڪم ڪندا آهن.

فَاحِشَةً اَوْ ظَلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ ذَكَرُوا اللّٰهَ فَاسْتَغْفَرُوْا لِذُنُوْبِهِمْ ص

ڀڙو ڳناهه يا ظلم ڪن ٿا پاڻ تي ته ياد ڪن ٿا الله کي پوءِ معافي گهرن ٿا پنهنجي گناهن جي.

يا پاڻ تي ظلم ڪندا آهن (تڏهن) الله کي ياد ڪندا آهن، ۽ پنهنجن گناهن جي بخشش گهرندا آهن

وَمَنْ يَّغْفِرُ الذُّنُوْبَ اِلَّا اللّٰهُ قف وَلَمْ يُصِرُّوْا عَلٰى مَا فَعَلُوْا

۽ ڪير بخشيندو گناهه الله کان سواءِ؟ ۽ نه ٿا ضد ڪن پنهنجي ڪئي تي

۽ الله کان سواءِ ڪير گناهه بخشيندو؟ ۽ جيڪي ڪيائون تنهن تي ڄاڻي ٻجهي هميشگي

وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿١٣٥﴾ اُولٰٓئِكَ جَزَآؤُهُمْ مَّغْفِرَةٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَجَنّٰتٌ

۽ اهي جاڻن ٿا. اُهي بدلو انهن جو آهي معافي سندن پالڻهار کان ۽ باغ

نہ ڪندا آهن. انهن جو اجر سندن پالڻهار وٽان بخشش ۽ بهشت آهن، جن جي هيٺان

تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ وَنِعْمَ اَجْرُ الْعٰمِلِيْنَ ﴿١٣٦﴾

وهن ٿيون جن جي هيٺان واهيون هميشه رهندا انهن ۾ ۽ ڀلي آهي مزدوري ڪم ڪندڙن جي.

نهرون وهنديون آهن، منجهن سدائين رهڻ وارا آهن ۽ ڪمائيندڙن جو اجر چڱو آهي!.

قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِكُمْ سُنَنٌ ۙ فَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا

گذريا آهن توهان کان اڳ ۾ ڪيئي واقعا پوءِ سير ڪريو زمين ۾ پوءِ ڏسو تہ

بيشڪ اوهان کان اڳ ڪيترا واقعا گذريا آهن پوءِ (اوهين) ملڪ ۾ گهمو ڦرو پوءِ نهاريو تہ

كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِيْنَ ﴿١٣٧﴾ هٰذَا بَيَانٌ لِّلنَّاسِ وَهُدًى

ڪيئن ٿي پڇاڙي ڪوڙي ڪندڙن جي. هيءُ بيان آهي ماڻهن لاءِ ۽ هدايت

نہ مڃيندڙن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي؟. هيءُ ماڻهن لاءِ بيان آهي ۽ پرهيزگارن لاءِ هدايت

وَّمَوْعِظَةٌ لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿١٣٨﴾ وَلَا تَهِنُوْا وَلَا تَحْزَنُوْا وَاَنْتُمُ

۽ نصيحت آهي خوف ڪندڙن لاءِ. ۽ نہ سست ٿيو ۽ نڪي غم ڪريو جڏهن اوهان

۽ نصيحت آهي. ۽ نہ سست ٿيو ۽ نڪي غمگين ٿيو ۽ جيڪڏهن مؤمن آهيو تہ اوهان (ئي)

الْاَعْلَوْنَ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٣٩﴾ اِنْ يَّمْسَسْكُمْ قَرْحٌ فَقَدْ

بلند آهيو جيڪڏهن مؤمن آهيو. جيڪڏهن پهتو توهان کي زخم تہ بيشڪ

غالب (ٿيڻ وارا) آهيو. جيڪڏهن اوهان کي (اُحد ۾) ڪو گهاءُ پهتو آهي تہ بيشڪ اُن جهڙو گهاءُ ڪافرن کي

مَسَّ الْقَوْمَ قَرْحٌ مِّثْلُهٗ ؕ وَتِلْكَ الْاَيَّامُ نُدَاوِلُهَا بَيْنَ النَّاسِ ۚ

پهتو آهي انهن ماڻهن کي بہ زخم اوترو ئي ۽ اهي ڏينهن ڦيرايون ٿا انهن کي ماڻهن جي وچ ۾

(بدر ۾) پهتو هو. ۽ هي اهڙا ڏينهن آهن جو (اسين) انهن کي ماڻهن جي وچ ۾ ڦيريندا آهيون (تہ نصيحت وٺن).

وَلِيَعْلَمَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَيَتَّخِذَ مِنْكُمْ شُهَدَآءَ ؕ وَاللّٰهُ لَا

۽ جيئن ظاهر ڪري الله ايمان وارن کي ۽ بڻائي اوهان مان ڪن کي شهيد، ۽ الله نہ ٿو

۽ هن لاءِ تہ الله مؤمنن کي نکيڙي ۽ اوهان مان ڪن کي شهيد ڪري . ۽ الله ظالمن کي

يُحِبُّ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٤٠﴾ ۙ وَلِيُمَحِّصَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَيَمْحَقَ

پسند ڪري ظالمن کي ۽ جيئن پاڪ ڪري الله انهن کي جن ايمان آندو ۽ ميٽائي

دوست نہ رکندو آهي. ۽ هن لاءِ تہ الله مؤمنن کي کرو ڪري ۽ ڪافرن کي ناس ڪري.

الْكٰفِرِيْنَ ﴿۱۴۱﴾ اَمْ حَسِبْتُمْ اَنْ تَدْخُلُوا الْجَنَّةَ وَلَمَّا يَعْلَمِ اللّٰهُ

كافرن كي. ڇا ڀانيو ٿا توهان ته ويندؤ بهشت ۾ ۽ نه ظاهر ڪيو الله

اوهان بهشت ۾ گهڙڻ جو گمان ڪيو آهي ڇا؟ هن هوندي جو الله اڃا اوهان مان مجاهدن کي

الَّذِيْنَ جٰهَدُوْا مِنْكُمْ وَيَعْلَمَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۱۴۲﴾ وَلَقَدْ كُنْتُمْ تَمَنَّوْنَ

لڙائي ڪندڙن کي توهان مان ۽ نه ڪي ظاهر ڪيائين سهپ وارن کي. ۽ بيشڪ توهان گهرندا هئا

نه نکيڙيو آهي ۽ نڪي صابرن کي نکيڙيو آهي. ۽ بيشڪ اوهين موت کي اُن جي

الْمَوْتَ مِنْ قَبْلِ اَنْ تَلْقَوْهُ ۠ فَقَدْ رَاَيْتُمُوْهُ وَاَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ ﴿۱۴۳﴾ ع

موت کي هن کان اڳ جو ملو ان سان پوءِ توهان ڏٺو انهيءَ کي ۽ توهان ڏسو پيا.

ملڻ کان اڳ گهرندا هيو ۽ بيشڪ ان کي ڏٺو ۽ اوهين نهاريندا رهيو.

وَمَا مُحَمَّدٌ اِلَّا رَسُوْلٌ ۚ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِ الرُّسُلُ ؕ اَفَاۡىِٕنْ مَّاتَ

۽ ناهي محمد مگر وڏو رسول گذريا آهن ان کان اڳي ڪيئي رسول، ڇا پوءِ جيڪڏهن مري وڃي

۽ محمد ﷺ (الله جو) پيغمبر ئي آهي، بيشڪ اُن کان اڳ ڪيترا پيغمبر گذري ويا. پوءِ جيڪڏهن (اهو) مري وڃي

اَوْ قُتِلَ انْقَلَبْتُمْ عَلٰٓى اَعْقَابِكُمْ ؕ وَمَنْ يَّنْقَلِبْ عَلٰى عَقِبَيْهِ

يا شهيد ٿئي ته توهان ڦري ويندؤ پنهنجين ڪڙين تي؟ ۽ جيڪو ڦرندو پنهنجين ڪڙين تي

يا قتل ٿئي ته (اوهين) پنهنجين ڪڙين (ڀر ڀوءِ) تي ڦرندؤ ڇا؟ ۽ جيڪو پنهنجين ڪڙين (ڀر ڀوءِ) تي ڦرندو

فَلَنْ يَّضُرَّ اللّٰهَ شَيْـًٔا ؕ وَسَيَجْزِى اللّٰهُ الشّٰكِرِيْنَ ﴿۱۴۴﴾ وَمَا كَانَ

پوءِ نه نقصان ڏيندو الله کي ڪجهه به، ۽ جلد بدلو ڏيندو الله شڪر گذارن کي. ۽ ناهي

سو الله کي ڪجهه به نقصان ڪڏهن نه پهچائيندو ۽ الله شاڪرن (احسان مڃيندڙن) کي ستت ثواب ڏيندو.

لِنَفْسٍ اَنْ تَمُوْتَ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ كِتٰبًا مُّؤَجَّلًا ؕ وَمَنْ يُّرِدْ

ڪنهن جو مرڻ مگر الله جي حڪم سان لکيل آهي وقت مقرر. ۽ جيڪو گهرندو

۽ الله جي مقرر وقت لکيل حڪم کان سواءِ ڪنهن کي مرڻو نه آهي. ۽ جيڪو دنيا جو ثواب گهرندو

ثَوَابَ الدُّنْيَا نُؤْتِهٖ مِنْهَا ۚ وَمَنْ يُّرِدْ ثَوَابَ الْاٰخِرَةِ نُؤْتِهٖ

بدلو دنيا جو ڏينداسون ان کي انهيءَ مان، ۽ جيڪو گهرندو اجر آخرت جو ڏينداسون ان کي

تنهن کي ان مان ڏينداسون، ۽ جيڪو آخرت جو ثواب گهرندو تنهن کي اُن مان ڏينداسون،

مِنْهَا ؕ وَسَنَجْزِى الشّٰكِرِيْنَ ﴿۱۴۵﴾ وَكَاَيِّنْ مِّنْ نَّبِيٍّ قٰتَلَ ۙ مَعَهٗ

انهيءَ مان، ۽ اجهو بدلو ڏينداسون شڪر گذارن کي. ۽ ڪيترائي نبي لڙائي ڪئي انهن سان گڏجي

۽ شاڪرن کي (چڱو) ثواب ستت ڏينداسون. ۽ پيغمبرن مان گهڻن (ڪافرن سان) وڙهيا ساڻن گهڻا

رِبِّيُّوْنَ كَثِيْرٌ ۚ فَمَا وَهَنُوْا لِمَآ اَصَابَهُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَمَا
الله وارن گهڻن، پوءِ نہ ماندا ٿيا ان ڪري جو تڪليف پهتي انهن کي الله جي راهہ ۾ ۽ نڪي
الله وارا هئا پوءِ جيڪي الله جي واٽ ۾ کين پهتو تنهن سببان نڪي سست ٿيا ۽ نڪي

ضَعُفُوْا وَمَا اسْتَكَانُوْا ۭ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الصّٰبِرِيْنَ ﴿١٤٦﴾ وَمَا
لڙهي پيا ۽ نڪي ليلا ٿيائون ، ۽ الله پيارڪري ٿو پڪي بيهندڙن سان. ۽ نہ
هيڻا ٿيا ۽ نڪي عاجزي ڪيائون ، ۽ الله صابرن کي دوست رکندو آهي. ۽ سندن چوڻ (هن) قول

كَانَ قَوْلَهُمْ اِلَّآ اَنْ قَالُوْا رَبَّنَا اغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَا وَاِسْرَافَنَا
هوڪجهہ بہ چوڻ انهن جو مگر چيائون اي رب اسان جا معاف ڪر اسان جا گناهہ ۽ اسان جي زيادتي
کان سواءِ نہ هو تہ اي اسان جا پالڻهار! اسان کي اسان جا گناهہ (بخش)! ۽ اسان جي ڪم ۾ اسان

فِيْٓ اَمْرِنَا وَثَبِّتْ اَقْدَامَنَا وَانْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٤٧﴾
اسان جي ڪم ۾ ۽ جمائي رک اسان جي پيرن کي ۽ واهرڪر اسان جي ڪافر قوم تي.
جي زيادتي بخش ۽ اسان جا پير ثابت رک ۽ اسان کي ڪافرن جي ٽوليءَ تي فتح ڏي!.

فَاٰتٰىهُمُ اللّٰهُ ثَوَابَ الدُّنْيَا وَحُسْنَ ثَوَابِ الْاٰخِرَةِ ۭ وَاللّٰهُ
پوءِ ڏنو انهن کي الله ثواب دنيا جو ۽ سهڻو ثواب آخرت جو. ۽ الله.
پوءِ الله کين دنيا جو ثواب ۽ آخرت جو ڀلو ثواب ڏنو ، ۽ الله ڀلارن کي

يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٤٨﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ تُطِيْعُوا ع ١٥
محبت ڪري ٿو چڱائي ڪندڙن سان. اي ايمان وارو جيڪڏهن چيو مڃيندؤ
دوست رکندو آهي. اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن اوهين ڪافرن جو چيو مڃيندؤ تہ

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يَرُدُّوْكُمْ عَلٰٓى اَعْقَابِكُمْ فَتَنْقَلِبُوْا خٰسِرِيْنَ ﴿١٤٩﴾ بَلِ اللّٰهُ
ڪافرن جو تہ موٽائيندا اوهان کي پوئين پيرين پوءِ ٿي پوندؤ نقصان وارا. پر الله
اوهان کي اوهان جي ڪڙين (پرپوءِ) تي ڦيرائيندا پوءِ اوهين ڦري نقصان وارا ٿيندؤ .بلڪ الله

مَوْلٰىكُمْ ۚ وَهُوَ خَيْرُ النّٰصِرِيْنَ ﴿١٥٠﴾ سَنُلْقِيْ فِيْ قُلُوْبِ الَّذِيْنَ
آهي مالڪ توهان جو ۽ اهو ڀلو مددگار آهي. جلد وجهنداسون دلين انهن جي ۾ جن
اوهان جو سائين آهي، ۽ اهو بهتر مدد ڏيندڙ آهي. ڪافرن جي دلين ۾ هن سببان سگهو دهشت وجهنداسون

كَفَرُوا الرُّعْبَ بِمَآ اَشْرَكُوْا بِاللّٰهِ مَا لَمْ يُنَزِّلْ بِهٖ سُلْطٰنًا ۚ وَ
ڪفرڪيو دهشت کي هن ڪري تہ شريڪ ڪيائون الله سان ان کي جو نہ لاٿائين ان جو ڪو دليل، ۽
جو الله سان اهڙيءَ شيءِ کي شريڪ ڪيائون جنهن لاءِ الله ڪا سَند نہ لاٿي آهي، ۽ سندن جاءِ

مَاْوٰىهُمُ النَّارُ ۭ وَبِئْسَ مَثْوَى الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٥١﴾ وَلَقَدْ صَدَقَكُمُ
جاءِ انهن جي جهنم آهي ۽ اها بڇڙي آهي جاءِ ظالمن جي. ۽ سچو ڪيو توهان سان
ٻاهر آهي، ۽ (اها) ظالمن جو بڇڙو هنڌ آهي. ۽ بيشڪ الله اوهان سان پنهنجو وعدو سچو ڪيو آهي

اللّٰهُ وَعْدَهٗٓ اِذْ تَحُسُّوْنَهُمْ بِاِذْنِهٖ ۚ حَتّٰٓى اِذَا فَشِلْتُمْ وَ
الله وعدو پنهنجو جڏهن ڪهو پيا انهن کي ان جي حڪم سان آخر جڏهن توهان سست ٿيا ۽
جڏهن ته اُنهن (ڪافرن) کي، سندس حڪم سان پئي ڪُهيوَ، حتاڪ ٻي همت ٿيو ۽ ڪم (پوري ڪرڻ) ۾

تَنَازَعْتُمْ فِى الْاَمْرِ وَعَصَيْتُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَآ اَرٰىكُمْ مَّا تُحِبُّوْنَ ۭ
اختلاف ڪيوَ ڪم ۾ ۽ نه چيو ورتوَ هن کان پوءِ جو ڏيکاريائين توهان کي اها شيءِ جنهن کي چاهيو پيا.
تڪرار ڪيوَ ۽ جيڪي پسند ڪندا هيوَ سو اوهان کي ڏيکاريائين تنهن کان پوءِ بہ بي فرماني ڪيوَ

مِنْكُمْ مَّنْ يُّرِيْدُ الدُّنْيَا وَمِنْكُمْ مَّنْ يُّرِيْدُ الْاٰخِرَةَ ۚ ثُمَّ
اوهان مان ڪو گهري پيو دنيا ۽ اوهان مان ڪو گهري پيو آخرت، پوءِ
اوهان مان ڪو (اهڙو) آهي جو دنيا گهرندو آهي ۽ اوهان مان ڪو (اهڙو) آهي جو آخرت گهرندو آهي، وري

صَرَفَكُمْ عَنْهُمْ لِيَبْتَلِيَكُمْ ۚ وَلَقَدْ عَفَا عَنْكُمْ ۭ وَاللّٰهُ
هٽايائين توهان کي انهن کان جيئن پرکي توهان کي، ۽ يقينن معاف ڪيائين توهان کي، ۽ الله
اوهان کي اُنهن کان هن لاءِ ڦيرايائين ته اوهان کي پرکي، ۽ بيشڪ اوهان کي معافي ڏنائين ۽ الله

ذُوْ فَضْلٍ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٥٢﴾ اِذْ تُصْعِدُوْنَ وَلَا تَلْوٗنَ
مهربان آهي مؤمنن تي. ياد ڪريو جڏهن ڀڄو پيا توهان ۽ نه پيا واجهايو
مؤمنن تي فضل ڪرڻ وارو آهي. جڏهن اوهين پري ٿي ڀڳو ۽ ڪنهن هڪ تي (ڪنڌ ڦيري) نه ٿي واجهايو.

عَلٰٓي اَحَدٍ وَّالرَّسُوْلُ يَدْعُوْكُمْ فِيْٓ اُخْرٰىكُمْ فَاَثَابَكُمْ غَمًّۢا بِغَمٍّ
ڪنهن ڏانهن ۽ رسول سڏي پيو توهان کي توهان جي پوين ۾ پوءِ ڏنائين توهان کي ڏک تي ڏک
۽ پيغمبر اوهان کي اوهان جي پٺيان سڏيندو رهيو پوءِ (الله) اوهان کي ڏک تي ڏک جو بدلو ڏنو

لِّكَيْلَا تَحْزَنُوْا عَلٰي مَا فَاتَكُمْ وَلَا مَآ اَصَابَكُمْ ۭ وَاللّٰهُ خَبِيْرٌۢ
جيئن توهان افسوس نه ڪريو ان تي جيڪو اوهان کان ٿي ويو ۽ نه ان تي جيڪي توهان کي پهتو، ۽ الله خبر رکندڙ آهي
(اهو) هن لاءِ ته جيڪي اوهان کان ٿي ويو تنهن تي ۽ جيڪي اوهان کي پهتو تنهن تي غمگين ٿيو. ۽ جيڪي

بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٥٣﴾ ثُمَّ اَنْزَلَ عَلَيْكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ الْغَمِّ اَمَنَةً
جيڪي توهان ڪريو ٿا. وري نازل ڪيائين توهان تي ڏک کان پوءِ امن واري
اوهين ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي. وري ڏک کان پوءِ اوهان تي آرام، (جي) پنڪي لاٿائين

نُّعَاسًا يَّغْشٰى طَآئِفَةً مِّنْكُمْ ۙ وَطَآئِفَةٌ قَدْ اَهَمَّتْهُمْ

ننڊ جا غلبو ڪري پئي هڪ ٽولي توهان جي تي ۽ ٻيو ٽولو ڳڻتيءَ ۾ وڌو انهن کي

جو اوهان مان هڪ ٽوليءَ تي غلبو ڪندي رهي ۽ ٻي ٽولي هئي جنهن کي سندن نفسن غمگين

اَنْفُسُهُمْ يَظُنُّوْنَ بِاللّٰهِ غَيْرَ الْحَقِّ ظَنَّ الْجَاهِلِيَّةِ ؕ يَقُوْلُوْنَ

سندن سِرَن اهي گمان پيا ڪن الله ۾ ڪوڙا گمان بيوقوفيءَ وارا، چوَن پيا

ڪيو هو، ناحق جاهليت جو گمان. الله تي پائيائون ٿي، چيائون ٿي ته اسان لاءِ

هَلْ لَّنَا مِنَ الْاَمْرِ مِنْ شَيْءٍ ؕ قُلْ اِنَّ الْاَمْرَ كُلَّهٗ لِلّٰهِ ؕ

ڇا آهي اسان جي وس ان ڪم مان ڪا شيءِ؟ تون چؤ بيشڪ ڪم سمورو الله جي وس آهي

انهي ڪم مان ڇا ڪجهه (ٿيڻو) آهي؟ (اي پيغمبرا) چئو ته سڀ اختيار الله جو ئي آهي.

يُخْفُوْنَ فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ مَّا لَا يُبْدُوْنَ لَكَ ؕ يَقُوْلُوْنَ لَوْ كَانَ

لڪائن ٿا پنهنجي اندر ۾ اهو جيڪي نٿا ظاهر ڪن توسان، چوَن ٿا جيڪڏهن هجي ها

جيڪي توتي پڌرو نه ڪندا آهن، سو پنهنجين دلين ۾ لڪائيندا آهن، چوندا آهن ته جيڪڏهن اسان جي وس

لَنَا مِنَ الْاَمْرِ شَيْءٌ مَّا قُتِلْنَا هٰهُنَا ؕ قُلْ لَّوْ كُنْتُمْ

اسان جي وَسِ ان ڪم مان ڪجهه ته نه مارجي وڃون ها اتي، چؤ جيڪڏهن هجو ها

۾ ڪجهه به ڪم هجي ها ته اسين هت نه ڪُسون ها، (اي پيغمبرا ڪين) چئو ته، جيڪڏهن اوهين پنهنجن گهرن

فِيْ بُيُوْتِكُمْ لَبَرَزَ الَّذِيْنَ كُتِبَ عَلَيْهِمُ الْقَتْلُ اِلٰى مَضَاجِعِهِمْ ۚ

پنهنجي گهرن ۾ ته به نڪري اچن ها اهي لکيل هئو جن تي موت پنهنجي ڪِرڻ جي جاين ڏانهن

۾ هجو ها ته جن تي ڪسڻ لکيل هو سي ضرور پنهنجي ڪوس جي جاين ڏانهن نڪرن ها.

وَلِيَبْتَلِيَ اللّٰهُ مَا فِيْ صُدُوْرِكُمْ وَلِيُمَحِّصَ مَا فِيْ قُلُوْبِكُمْ ؕ

۽ جيئن آزمائي الله جيڪي توهان جي سينن ۾ آهي ۽ جيئن صاف ڪري جيڪي توهان جي دلين ۾ آهي.

۽ (هن لاءِ) ته جيڪي اوهان جي سينن ۾ آهي سو الله پرکي ۽ جيڪي اوهان جي دلين ۾ آهي سو کرو ڪري،

وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿۱۵۴﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ تَوَلَّوْا مِنْكُمْ

۽ الله ڄاڻندڙ آهي سينن جي رازن کي، بيشڪ جيڪي ڀڳا توهان مان

۽ الله سينن وارو (ڀيد) ڄاڻندڙ آهي، اوهان مان جن انهيءَ ڏينهن منهن موڙيو جو

يَوْمَ الْتَقَى الْجَمْعٰنِ ۙ اِنَّمَا اسْتَزَلَّهُمُ الشَّيْطٰنُ بِبَعْضِ مَا كَسَبُوْا ۚ

جنهن ڏينهن لشڪريون ٻه فوجون رڳو ٿيڙيو انهن کي شيطان سندن ڪنهن ڪئي جي سبب،

ٻه ٽوليون (هڪ ٻئي جي) سامهون ٿيون ته انهن کي شيطان سندن ڪجهه ڪئي جي شامت جي سبب ٿيڙيو.

وَلَقَدْ عَفَا اللّٰهُ عَنْهُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿١٥٥﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ع ١٦

۽ البت معاف ڪيو الله انهن کي، بيشڪ الله بخشڻهار بردبار آهي. اي ايمان وارو

۽ بيشڪ الله انهن کي معافي ڏني ڇو ته الله بخشڻهار بردبار آهي. اي ايمان وارو

لَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَقَالُوْا لِاِخْوَانِهِمْ اِذَا ضَرَبُوْا

نه ٿيو انهن وانگر جن ڪفر ڪيو ۽ چيائون پنهنجي ڀائرن لاءِ جڏهن سفر تي نڪتا

انهن ڪافرن وانگر نه ٿيو جي پنهنجي ڀائرن لاءِ جڏهن آهي ملڪ ۾ مسافري ڪن

فِى الْاَرْضِ اَوْ كَانُوْا غُزًّى لَّوْ كَانُوْا عِنْدَنَا مَا مَاتُوْا وَمَا قُتِلُوْا ۚ

ملڪ ۾ يا هئا جهاد ۾ جيڪر هجن ها اسان وٽ ته نه مرن ها ۽ نه ڪي ڪُسن ها

يا لڙائي ڪندڙ هجن (تڏهن) چون ٿا ته جيڪڏهن اسان وٽ هجن ها ته نه مرن ها ۽ نه ڪي ڪسجن ها!

لِيَجْعَلَ اللّٰهُ ذٰلِكَ حَسْرَةً فِىْ قُلُوْبِهِمْ ۭ وَاللّٰهُ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ۭ

جيئن بڻائي الله ان کي ارمان انهن جي دلين ۾، ۽ الله ئي جياري ٿو ۽ ماري ٿو،

ته جيئن الله ان کي سندين دلين ۾ حسرت ڪري، ۽ الله ئي جيارڻدو آهي ۽ مارڻدو آهي،

وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿١٥٦﴾ وَلَىِٕنْ قُتِلْتُمْ فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ

۽ الله توهان جي ڪمن کي ڏسندڙ آهي. ۽ جيڪڏهن توهان شهيد ٿيو الله جي رستي ۾

۽ جيڪي اوهين ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي. ۽ جيڪڏهن اوهين الله جي واٽ ۾ قتل ٿي پيؤ

اَوْ مُتُّمْ لَمَغْفِرَةٌ مِّنَ اللّٰهِ وَرَحْمَةٌ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ ﴿١٥٧﴾ وَ

يا مري وڃو ته بخشش الله جي ۽ رحمت تمام ڀلي آهي انهيءَ کان جيڪي گڏ ڪن. ۽

يا مري پيو ته جيڪي گڏ ڪندا آهن تنهن کان الله جي بخشش ۽ ٻاجهه (بلڪل) ڀلي آهي. ۽

لَىِٕنْ مُّتُّمْ اَوْ قُتِلْتُمْ لَاِ۟اِلَى اللّٰهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿١٥٨﴾ فَبِمَا رَحْمَةٍ

جيڪڏهن مرندؤ يا قتل ٿيلدؤ ضرور الله ڏانهن گڏ ڪيا ويندؤ. پوءِ ڪارڻ رحمت

جيڪڏهن (اوهين) مري وڃو يا ڪسي پئو ته ضرور الله ڏانهن گڏ ڪيا ويندؤ. پوءِ (اي پيغمبر!) الله جي

مِّنَ اللّٰهِ لِنْتَ لَهُمْ ۚ وَلَوْ كُنْتَ فَظًّا غَلِيْظَ الْقَلْبِ لَانْفَضُّوْا

الله جي تون نرم دل ٿيو آهين انهن لاءِ ۽ جيڪڏهن هجين ها شوخ، سخت دل ته ٽڙي پکڙي وڃن ها

ٻاجهه سببان انهن لاءِ نرم ٿيو آهين، ۽ جيڪڏهن ڪاوڙيل سخت دل هجين ها ته ضرور تنهنجي آسپاس کان

مِنْ حَوْلِكَ ۠ فَاعْفُ عَنْهُمْ وَاسْتَغْفِرْ لَهُمْ وَشَاوِرْهُمْ

تنهنجي آس پاس کان پوءِ تون معاف ڪر انهن کي ۽ معافي گهر انهن لاءِ ۽ صلاح وٺ انهن کان

ڀڄي اُٿن ها پوءِ کين معافي ڏي ۽ انهن لاءِ بخشش گهر ۽ ساڻن ڪم ۾ صلاح ڪر

فِي الْاَمْرِ ۚ فَاِذَا عَزَمْتَ فَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ۗ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَوَكِّلِيْنَ ﴿۱۵۹﴾

ڪم ۾ پوءِ جڏهن پڪو ارادو ڪرين تہ ڀروسو ڪر الله تي، بيشڪ الله محبت ڪندو آهي توڪل وارن سان.

پوءِ جڏهن تون پڪو ارادو ڪرين تڏهن الله تي ڀرسو ڪر. جو تہ الله ڀروسي ڪندڙن کي دوست رکندو آهي.

اِنْ يَّنْصُرْكُمُ اللّٰهُ فَلَا غَالِبَ لَكُمْ ۚ وَاِنْ يَّخْذُلْكُمْ فَمَنْ ذَا الَّذِيْ

جيڪڏهن مدد ڪري توهان جي الله تہ ڪوئي ناهي ڏاڍو توهان لاءِ، ۽ جيڪڏهن ڇڏي ڏي توهان کي پوءِ ڪير آهي جو اهو

جيڪڏهن الله اوهان کي مدد ڏيندو تہ اوهان تي ڪو غالب (ٽيڪو) نہ آهي، ۽ جيڪڏهن اوهان کي مدد نہ ڏيندو تہ اُن کان

يَنْصُرُكُمْ مِّنْۢ بَعْدِهٖ ۗ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۶۰﴾ وَمَا

مدد ڪندو توهان جي ان کان پوءِ؟ ۽ الله تي ئي ڀروسو ڪن ايمان وارا. ۽ ناهي

پوءِ ڪير اوهان کي مدد ڏيندو؟ مؤمنن کي جڳائي تہ الله تي ڀروسو ڪن. ۽ ڪنهن بہ پيغمبر کي (غنيمت جي مال ۾)

كَانَ لِنَبِيٍّ اَنْ يَّغُلَّ ۗ وَمَنْ يَّغْلُلْ يَاْتِ بِمَا غَلَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۚ

ڪنهن نبيءَ لاءِ جو گهجهت ڪري، ۽ جيڪو گهجهت ڪندو تہ آڻيندو لڪايل شيءِ قيامت ڏينهن،

خيانت ڪرڻ نہ جڳائي، ۽ جيڪو خيانت ڪندو سو جيڪا شيءِ خيانت ڪيائين تنهن سميت قيامت جي ڏينهن ايندو

ثُمَّ تُوَفّٰى كُلُّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿۱۶۱﴾ اَفَمَنِ

پوءِ پوري ملندي سڀ ڪنهن کي پنهنجي ڪمائي ۽ اهي نہ ظلم ڪيا ويندا. ڇا پوءِ جيڪو

پوءِ سڀ ڪنهن ماڻهو جيڪي ڪمايو تنهن جو پورو بدلو کيس ڏنو ويندو ۽ اُنهن تي ظلم نہ ڪبو. جيڪو الله جي

اتَّبَعَ رِضْوَانَ اللّٰهِ كَمَنْۢ بَآءَ بِسَخَطٍ مِّنَ اللّٰهِ وَمَاْوٰىهُ جَهَنَّمُ ۗ

هليو الله جي رضا تي ان جهڙو ٿيندو جيڪو موٽي آيو الله جي غضب ۾ ۽ جاءِ ان جي جهنم آهي،

رضامنديءَ جي پٺيان لڳو سو اُن جهڙو آهي ڇا؟ جيڪو الله جي ڪاوڙ هيٺ ڦري آيو ۽ سندس جاءِ دوزخ آهي،

وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿۱۶۲﴾ هُمْ دَرَجٰتٌ عِنْدَ اللّٰهِ ۗ وَاللّٰهُ بَصِيْرٌ ۢ ع ۱۶

۽ اها خراب جڳهہ آهي. اُهي درجن وارا آهن الله وٽ، ۽ الله ڏسندڙ آهي

۽ (اهي) موٽڻ جو بڇڙو هنڌ آهي!. اُهي الله وٽ (وڏن) درجن وارا آهن. ۽ جيڪي ڪندا آهن سو الله

بِمَا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۶۳﴾ لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ بَعَثَ فِيْهِمْ رَسُوْلًا

سندن عملن کي. يقينن احسان ڪيو الله ايمان وارن تي جو موڪليائين انهن ۾ رسول

ڏسندڙ آهي. بيشڪ الله مؤمنن تي وڏو احسان ڪيو آهي، جڏهن تہ اُنهن ۾ سندن قوم مان پيغمبر

مِّنْ اَنْفُسِهِمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيْهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ

انهن مان ئي جو پڙهي ٿو انهن تي آيتون ان جون ۽ پاڪ ٿو ڪري انهن کي ۽ سيکاري ٿو انهن کي ڪتاب

موڪليائين جو کين سندس آيتون پڙهي ٻڌائيندو آهي ۽ کين پاڪ ڪندو آهي ۽ کين ڪتاب ۽ دانائي

وَالْحِكْمَةَ ۚ وَاِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿١٦٤﴾ اَوَلَمَّآ

۽ دانش، جيتوڻيڪ هئا انهيءَ کان اڳ البت گمراهي پڌري ۾. ڇا جڏهن

سيکاريندڙ آهي، ۽ بيشڪ هن کان اڳ پڌريءَ گمراهيءَ ۾ (پيل) هئا. ۽ جڏهن اوهان کي (جنگ اُحد ۾)

اَصَابَتْكُمْ مُّصِيْبَةٌ قَدْ اَصَبْتُمْ مِّثْلَيْهَا ۙ قُلْتُمْ اَنّٰى هٰذَا ؕ قُلْ

پهتي توهان کي تڪليف حالانڪ پهچائي هئي توهان ان کان ٻيڻي ته چيو توهان ڪٿان آئي اها؟ چؤ

ڏک پهتو جيتوڻيڪ (پنهنجن دشمنن کي) اُن جو ٻيڻو (ڏک بدر ۾) پهچايو هيو ته به چيو ٿي ته هيءَ (مصيبت) ڪٿان (پهتي) آهي؟

هُوَ مِنْ عِنْدِ اَنْفُسِكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١٦٥﴾ وَمَآ

اها توهان کي پاڻ وٽان آهي . بيشڪ الله هر شيءِ تي قادر آهي. ۽ جيڪي

(اي پيغمبرا) چئو ته اها اوهان کي پاڻ وٽان (پهتي) آهي . بيشڪ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وسوارو آهي.٠

اَصَابَكُمْ يَوْمَ الْتَقَى الْجَمْعٰنِ فَبِاِذْنِ اللّٰهِ وَلِيَعْلَمَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٦٦﴾ ۙ

رسيو توهان کي ان ڏينهن جو ٽڪريون ٻه فوجون سو حڪم الله جي سان هو ۽ جيئن پڌرو ڪري ايمان وارن کي.

اُنهيءَ ڏينهن، جو ٽوليون پاڻ ۾ سامهون ٿيون (تنهن ڏينهن) جيڪي اوهان کي پهتو سو الله جي حڪم سان هو ۽ هن لاءِ ته مومن کي نکيڙي.

وَلِيَعْلَمَ الَّذِيْنَ نَافَقُوْا ۖۚ وَقِيْلَ لَهُمْ تَعَالَوْا قَاتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ

۽ پڌرو ڪري انهن کي جن منافقي ڪئي، ۽ چيو ويو انهن کي اچو وڙهو الله جي راهه ۾

۽ منافقن کي به نکيڙي، ۽ کين چيو ويو ته اچو الله جي واٽ ۾ وڙهو يا (ڪافرن کان) دفاع ڪريو

اَوِ ادْفَعُوْا ؕ قَالُوْا لَوْ نَعْلَمُ قِتَالًا لَّا تَّبَعْنٰكُمْ ؕ هُمْ لِلْكُفْرِ

يا دفاع ڪريو، چيائون جيڪڏهن ڄاڻون ها اسان جنگ ته ضرور هلون ها توهان سان، اهي ڪفر کي

چيائون ته، جيڪڏهن اسان جنگ ڪرڻ ڄاڻون ها ته ضرور اوهان سان هجون ها. اهي اُن ڏينهن

يَوْمَئِذٍ اَقْرَبُ مِنْهُمْ لِلْاِيْمَانِ ۚ يَقُوْلُوْنَ بِاَفْوَاهِهِمْ مَّا لَيْسَ

تنهن ڏينهن وڌيڪ ويجها هئا ايمان کان، چون ٿا پنهنجي واتن سان اهو جيڪي ناهي

پاڻ ايمان کان ڪفر ڏي بلڪل ويجهو هئا. پنهنجن واتن سان اهي (ڳالهيون) چوندا آهن جيڪي سندين دلين

فِيْ قُلُوْبِهِمْ ؕ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا يَكْتُمُوْنَ ﴿١٦٧﴾ ۚ اَلَّذِيْنَ قَالُوْا لِاِخْوَانِهِمْ

سندن دلين ۾. ۽ الله وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جيڪي لڪائن ٿا. انهن چيو پنهنجي برادر لاءِ

۾ نه آهن ۽ جيڪي لڪائيندا آهن سو الله بلڪل ڄاڻندڙ آهي. (ته) اهي (اهي) آهن جن پنهنجن ڀائرن کي چيو

وَقَعَدُوْا لَوْ اَطَاعُوْنَا مَا قُتِلُوْا ؕ قُلْ فَادْرَءُوْا عَنْ اَنْفُسِكُمُ

۽ ويٺا رهيا جيڪر اهي چيو ولن ها اسان جو ته نه مرن ها، چؤ پوءِ ٽاريو توهان پاڻ کان

۽ ويٺا رهيا ته جيڪڏهن (اهي) اسان جو چيو مڃين ها ته نه ڪُسجن ها (اي پيغمبرا ڪين) چئو ته جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته

الْمَوْتَ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١٦٨﴾ وَلَا تَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ قُتِلُوْا

موت کي جيکڏهن آهيو سچا. ۽ نہ ڀانءِ تون انهن کي جي قتل ڪيا ويا

پاڻ کان موت کي ٽاريو. ۽ جيڪي الله جي واٽ ۾ ڪُٺا ويا تن کي مئل هرگز نہ ڀانءِ!

فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتًا ؕ بَلْ اَحْيَآءٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ يُرْزَقُوْنَ ﴿١٦٩﴾ فَرِحِيْنَ

الله جي راهہ ۾ مري ويل. بلڪ اهي جيئرا آهن پنهنجي رب وٽ رزق ڏنا ٿا وڃن. خوش ٿيندڙ آهن

بلڪ (اهي) جيئرا آهن (۽) پنهنجي پالڻهار وٽ روزي ڏنل آهن. جيڪي الله انهن کي پنهنجي فضل

بِمَآ اٰتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ۙ وَيَسْتَبْشِرُوْنَ بِالَّذِيْنَ لَمْ يَلْحَقُوْا

ان تي جيڪي ڏنو انهن کي الله پنهنجي مهر سان ۽ خوشي ڪن ٿا انهن لاءِ جيڪي نہ پهتا آهن

سان ڏنو آهي تنهن (حال) سان خوش ٿيندڙ آهن ، ۽ جيڪي سندن پٺيان آهن تن مان جيڪي ساڻن

بِهِمْ مِّنْ خَلْفِهِمْ ۙ اَلَّا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿١٧٠﴾

انهن کي سندن پويان تہ ناهي ڪو خوف انهن کي ۽ نڪي اهي ڏکارا ٿيندا.

نہ گڏيا آهن انهن لاءِ هن ڪري خوش ٿيندا آهن تہ ڪين ڪو ڊپ نہ آهي ۽ نڪي اهي غمگين رهندا.

يَسْتَبْشِرُوْنَ بِنِعْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ وَفَضْلٍ ۙ وَّاَنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ

خوشي ڪن ٿا نعمت الله جي تي ۽ مهرباني تي ۽ بيشڪ الله نہ ٿو وڃائي

الله جي نعمت ۽ فضل سان خوش ٿيندا آهن ۽ الله مؤمنن جو اجر نہ وڃائيندو آهي.

اَجْرَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٧١﴾ ۚۛ اَلَّذِيْنَ اسْتَجَابُوْا لِلّٰهِ وَالرَّسُوْلِ مِنْۢ بَعْدِ مَآ

وقف لازم

اجر ايمان وارن جو. اهي جن سڏ ڏنو الله ۽ رسول کي هن کان پوءِ جو

جن پاڻ کي زخم پهچڻ کان پوءِ بہ الله ۽ رسول جو حڪم قبول ڪيو.

اَصَابَهُمُ الْقَرْحُ ۛؕ لِلَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا مِنْهُمْ وَاتَّقَوْا اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿١٧٢﴾ ۚ

رسيا انهن کي زخم، انهن لاءِ آهي جن چڱا ڪم ڪيا انهن مان ۽ پرهيزگاري ڪيائون اجرُ وڏو.

انهن مان جن چڱائي ڪئي ۽ ڊنا تن لاءِ وڏو اجر آهي.

اَلَّذِيْنَ قَالَ لَهُمُ النَّاسُ اِنَّ النَّاسَ قَدْ جَمَعُوْا لَكُمْ فَاخْشَوْهُمْ

اهي جن کي چيو ماڻهن بيشڪ ماڻهو گڏ ٿيا آهن توهان لاءِ پوءِ ڊڄو انهن کان

جن کي ماڻهن چيو تہ، ماڻهن (ڪافرن) اوهان لاءِ لشڪر گڏ ڪيو آهي تنهن ڪري کانئن ڊڄو! پوءِ (ان چوڻ)

فَزَادَهُمْ اِيْمَانًا ۖۗ وَّقَالُوْا حَسْبُنَا اللّٰهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ ﴿١٧٣﴾ فَانْقَلَبُوْا

پوءِ وڌيو انهن جو ايمان، ۽ چيائون ڪافي آهي اسان لاءِ الله ۽ اهو ڀلو ڪارساز آهي. پوءِ موٽي آيا

هنئون انهن جو ايمان وڌايو ۽ چيائون تہ اسان کي الله ڪافي آهي ۽ (اهو) چڱو وڪيل (پرجهلو) آهي.

بِنِعْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ وَفَضْلٍ لَّمْ يَمْسَسْهُمْ سُوْٓءٌ ۙ وَّاتَّبَعُوْا رِضْوَانَ اللّٰهِ ؕ
الله جي نعمت ۽ مهرباني سان نہ پهتي انهن کي ڪائي تڪليف ۽ هليا الله جي رضا تي،
پوءِ (اهي مسلمان) الله جي نعمت ۽ فضل سان موٽيا کين ڪا سختي نہ پهتي ۽ الله جي راضپي جي پليان لڳا،
وَاللّٰهُ ذُوْ فَضْلٍ عَظِيْمٍ (١٧٤) اِنَّمَا ذٰلِكُمُ الشَّيْطٰنُ يُخَوِّفُ
۽ الله مهرباني وڏيءَ وارو آهي. رڳو اهو اٿوَ شيطان جو ڊيڄاريندو آهي
۽ الله وڏي فضل وارو آهي. (اهو اوهان کي جنگ کان جهليندڙ) شيطان کان سواءِ ٻيو نہ آهي جو پنهنجن دوستن کي
اَوْلِيَآءَهٗ ۪ فَلَا تَخَافُوْهُمْ وَخَافُوْنِ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ (١٧٥)
پنهنجي دوستن کي پوءِ توهان نہ ڊڄو انهن کان ۽ ڊڄو مون کان جيڪڏهن آهيو ايمان وارا.
ڊيڄاريندو آهي جيڪڏهن (اوهين) مومن آهيو تہ انهن (ڪافرن) کان نہ ڊڄو ۽ مون کان ڊڄو.
وَلَا يَحْزُنْكَ الَّذِيْنَ يُسَارِعُوْنَ فِى الْكُفْرِ ۚ اِنَّهُمْ لَنْ يَّضُرُّوا
۽ نہ ڏکارو ڪن توکي اهي جن تڪڙائي ڪئي ڪفر ۾، اهي نقصان نہ ڪندا
۽ (اي پيغمبر!) جيڪي ڪفر (جي سوب) ۾ اڳرائي ڪندا آهن سي توکي غمگين نہ ڪن! ڇو تہ اهي الله کي ڪجھ بہ
اللّٰهَ شَيْـًٔا ؕ يُرِيْدُ اللّٰهُ اَلَّا يَجْعَلَ لَهُمْ حَظًّا فِى الْاٰخِرَةِ ۚ وَلَهُمْ
الله جو ڪجھ بہ گهري ٿو الله تہ نہ ڏئي انهن کي ڪو فائدو آخرت ۾، ۽ انهن لاءِ
نقصان نہ لائيندا. الله گهرندو آهي تہ انهن کي آخرت ۾ ڪجھ ڀرو نہ ڏئي، ۽ انهن لاءِ
عَذَابٌ عَظِيْمٌ (١٧٦) اِنَّ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا الْكُفْرَ بِالْاِيْمَانِ لَنْ
عذاب وڏو آهي. بيشڪ جن خريد ڪيو ڪفر کي ايمان جي عِوض اهي نہ
وڏو عذاب آهي. جن ايمان جي بدران ڪفر خريد ڪيو سي الله کي
يَّضُرُّوا اللّٰهَ شَيْـًٔا ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ (١٧٧) وَلَا يَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ
زيان ڪندا الله جو ڪجھ بہ، ۽ انهن لاءِ عذاب دردناڪ آهي. ۽ هرگز نہ سمجهن اهي جن
ڪجھ بہ نقصان نہ لائيندا، ۽ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي. ۽ ڪافر (هيءُ) نہ ڀانئن تہ
كَفَرُوْٓا اَنَّمَا نُمْلِىْ لَهُمْ خَيْرٌ لِّاَنْفُسِهِمْ ؕ اِنَّمَا نُمْلِىْ لَهُمْ لِيَزْدَادُوْٓا
ڪفر ڪيو تہ جا ڍر ڏيون ٿا انهن کي ڀلي آهي انهن لاءِ، رڳو اسان ڍر ڏيون ٿا انهن کي تہ وڌن وڌن
کين اسان جي مهلت ڏيڻ انهن لاءِ ڀلي آهي، انهن کي هن کان سواءِ ڍر نہ ڏني سون تہ گناهہ ۾ وڌن.
اِثْمًا ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ (١٧٨) مَا كَانَ اللّٰهُ لِيَذَرَ الْمُؤْمِنِيْنَ
گناهہ ۾، ۽ انهن لاءِ آهي عذاب خوار ڪندڙ. نہ لو گهري الله جو ڇڏي ڏئي مؤمنن کي
۽ انهن لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي. (اي منافقؤ!) الله کي نہ جڳائيندو آهي تہ جنهن تي اوهين آهيو تنهن تي

عَلٰى مَآ اَنْتُمْ عَلَيْهِ حَتّٰى يَمِيْزَ الْخَبِيْثَ مِنَ الطَّيِّبِ ط وَمَا كَانَ

جنهن حال تي توهان آهيو جيستائين جدا ڪري پليد کي پاڪ کان، ۽ نه ٿو گهري

مؤمنن کي (به) ڇڏي ڏي، تان جو پليت کي پاڪ کان ڌار ڪري. ۽ الله کي نه جڳائيندو آهي جو

اللّٰهُ لِيُطْلِعَكُمْ عَلَى الْغَيْبِ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَجْتَبِيْ مِنْ رُّسُلِهٖ

الله جو خبر ڏئي توهان کي ڳجهه جي پر الله چُونڊي ٿو پنهنجي رسولن مان

اوهان کي ڳجهه تي واقف ڪري، پر الله پنهنجن پيغمبرن مان جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي چونڊيندو آهي.

مَنْ يَّشَآءُ صلے فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرُسُلِهٖ ج وَاِنْ تُؤْمِنُوْا وَتَتَّقُوْا فَلَكُمْ

جنهن کي چاهي پوءِ توهان يقين ڪريو الله تي ۽ سندس رسولن تي، ۽ جيڪڏهن توهان يقين ڪندا ۽ پرهيزڪندا ته پوءِ توهان لاءِ آهي

پوءِ الله ۽ سندس پيغمبرن کي مڃو، ۽ جيڪڏهن (اوهين) مڃيندؤ ۽ ڊڄندؤ ته اوهان لاءِ

اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿١٧٩﴾ وَلَا يَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ يَبْخَلُوْنَ بِمَآ اٰتٰهُمُ اللّٰهُ

ثواب وڏو. ۽ هرگز نه سمجهن اهي جيڪي بخل ڪن ٿا ان ۾ جو ڏنو انهن کي الله

وڏو اجر آهي. ۽ جيڪي الله پنهنجي فضل سان ڪين ڏنو آهي تنهن ۾ جيڪي بخل ڪن سي (ائين) ڀلڪل

مِنْ فَضْلِهٖ هُوَ خَيْرًا لَّهُمْ ط بَلْ هُوَ شَرٌّ لَّهُمْ ط سَيُطَوَّقُوْنَ

پنهنجي مهرسان ته اهو بخل چڱو آهي انهن لاءِ، بلڪ اهو برو آهي انهن لاءِ، اجهو ڳٽ پارايا ويندن

نه ڀائين ته اهو (بُخل) ڪين کو چڱو آهي. بلڪ اهو انهن لاءِ بڇڙو آهي. جنهن شيءِ جو بخل ڪيائون سا

مَا بَخِلُوْا بِهٖ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ط وَلِلّٰهِ مِيْرَاثُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ط

بخل واري شيءِ جا قيامت ڏينهن، ۽ الله ئي وارث آهي آسمانن ۽ زمين جو

قيامت جي ڏينهن ڳٽ ڪري وجهبن. ۽ آسمانن ۽ زمين جي ميراث الله جي آهي.

ع ١٨ ٩ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿١٨٠﴾ ع لَقَدْ سَمِعَ اللّٰهُ قَوْلَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا

۽ الله توهان جي عملن جي خبر رکندڙ آهي. يقينن ٻڌو الله ڳالهه انهن جو جن چيو

۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي. بيشڪ الله انهن جو ڳالهه ٻڌو جن چيو ته

وقف لازم اِنَّ اللّٰهَ فَقِيْرٌ وَّنَحْنُ اَغْنِيَآءُ م سَنَكْتُبُ مَا قَالُوْا وَقَتْلَهُمُ

ته الله سڃو آهي ۽ اسين آسودا آهيون، اسين لکون ٿا اهو ڳالهه انهن جو ۽ مارڻ انهن جو

الله سڃو آهي ۽ اسين شاهوڪار آهيون. جيڪي چيائون سو لکنداسون ۽ انهن جو پيغمبرن کي

الْاَنْۢبِيَآءَ بِغَيْرِ حَقٍّ لا وَّنَقُوْلُ ذُوْقُوْا عَذَابَ الْحَرِيْقِ ﴿١٨١﴾ ذٰلِكَ

نبين کي ناحق، ۽ چونداسون چکو عذاب ٻرندڙ باهه جو. اهو ان ڪري آهي

ناحق ڪُهڻ به. ۽ (آخرت ۾) چونداسون ته ساڙيندڙ عذاب (جو مزو) چکو. اها (سزا) انهيءَ سببان

بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْكُمْ وَاَنَّ اللّٰهَ لَيْسَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ﴿١٨٢﴾ ج

جو اڳتي موڪليو توهان جي هٿن ۽ بيشڪ الله ناهي ظلم ڪندڙ ٻانهن تي.

آهي جو اوهان جي هٿن اڳ موڪليو آهي ۽ (هن سببان) ته الله ٻانهن تي ظلم ڪندڙ نه آهي.

اَلَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ عَهِدَ اِلَيْنَآ اَلَّا نُؤْمِنَ لِرَسُوْلٍ حَتّٰى

جن چيو ته الله تاڪيد ڪيو آهي اسان کي ته نه پت ڪريون ڪنهن رسول تي جيستائين

جيڪي چون ٿا ته الله اسان سان انجام ڪيو آهي ته ڪنهن پيغمبر تي ايستائين ايمان نه آڻيون جيستائين

يَاْتِيَنَا بِقُرْبَانٍ تَاْكُلُهُ النَّارُ ؕ قُلْ قَدْ جَآءَكُمْ رُسُلٌ مِّنْ

آڻي اسان وٽ اهڙي خيرات جو کائي ان کي باهه. چؤ ته آيا توهان وٽ رسول مون

(هو اهڙي) قرباني اسان وٽ (نه) آڻي جو اُن (قربانيءَ) کي باهه کائي. (اي پيغمبر! ڪين) چئو ته بيشڪ مون کان اڳ

قَبْلِيْ بِالْبَيِّنٰتِ وَبِالَّذِيْ قُلْتُمْ فَلِمَ قَتَلْتُمُوْهُمْ اِنْ كُنْتُمْ

کان اڳي معجزن سان ۽ انهيءَ سان جيڪي توهان چيو پوءِ ڇالاءِ توهان قتل ڪيو انهن کي جيڪڏهن آهيو

ڪيترن پيغمبرن معجزا ۽ (پيو) جيڪي چيو سو اوهان وٽ آندو پوءِ جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته اُنهن (پيغمبرن) کي

صٰدِقِيْنَ ﴿١٨٣﴾ فَاِنْ كَذَّبُوْكَ فَقَدْ كُذِّبَ رُسُلٌ مِّنْ قَبْلِكَ

اوهين سچا. پوءِ جي ڪوڙو ڪوٺين توکي پوءِ ڪوڙو ڪوٺيو ويو آهي رسولن کي توکان اڳ

ڇا لاءِ ڪُٺو؟ پوءِ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن توکي ڪوڙو ڀانيائون ته بيشڪ توکان اڳ ڪيترا پيغمبر ڪوڙا ڀانيا ويا هئا

جَآءُوْ بِالْبَيِّنٰتِ وَالزُّبُرِ وَالْكِتٰبِ الْمُنِيْرِ ﴿١٨٤﴾ كُلُّ نَفْسٍ ذَآئِقَةُ

جن آندا هئا معجزا ۽ لکيل مضمون ۽ ڪتاب روشن. هر جيئرو چکندو

(جن) ڪيترن حجتون ۽ ڪيترا صحيفا ۽ نوراني ڪتاب (وٽن) آندا. سڀ ڪو نفس موت (جو مزو) چکندڙ آهي.

الْمَوْتِ ؕ وَاِنَّمَا تُوَفَّوْنَ اُجُوْرَكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ فَمَنْ زُحْزِحَ

موت کي. ۽ توهان کي پورا ملندا توهان جا بدلا قيامت ڏينهن. جيڪو پري ڪيو ويو

۽ بيشڪ اوهان کي قيامت جي ڏينهن پورو اجر ڏبو پوءِ جنهن کي باهه کان پري ڪيو ويو

عَنِ النَّارِ وَاُدْخِلَ الْجَنَّةَ فَقَدْ فَازَ ؕ وَمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا مَتَاعُ

باهه کان ۽ داخل ڪيو ويو جنت ۾ سو ڪامياب ٿيو. ۽ ناهي حياتي دنيا جي مگر سامان

۽ بهشت ۾ داخل ڪيو ويو سو بيشڪ مراد کي پهتو. ۽ دنيا جي حياتي ٺڳيءَ جي سامان کان سواءِ

الْغُرُوْرِ ﴿١٨٥﴾ لَتُبْلَوُنَّ فِيْٓ اَمْوَالِكُمْ وَاَنْفُسِكُمْ ۫ وَلَتَسْمَعُنَّ مِنَ

ٺڳي جو. البت پرکيو ويندو توهان کي توهان جي مالن ۽ جانين ۾ ۽ ضرور ٻڌندؤ توهان انهن کان

ڪجهه نه آهي. (اوهين) پنهنجن مالن ۽ پنهنجين جانين ۾ ضرور پرکبو. ۽ جن کي اوهان کان اڳ ڪتاب

الَّذِيۡنَ اُوۡتُوا الۡكِتٰبَ مِنۡ قَبۡلِكُمۡ وَمِنَ الَّذِيۡنَ اَشۡرَكُوۡۤا اَذًى

جن کي ڏنو ويو ڪتاب توهان کان اڳ ۽ انهن کان جن شرڪ ڪيو، بدزباني

ڏنو ويو آهي تن کان ۽ مشرڪن کان گهڻيون گاريون ضرور ٻڌندؤ. ۽ جيڪڏهن

كَثِيۡرًا ؕ وَاِنۡ تَصۡبِرُوۡا وَتَتَّقُوۡا فَاِنَّ ذٰلِكَ مِنۡ عَزۡمِ الۡاُمُوۡرِ ﴿۱۸۶﴾ وَ

گهڻي، ۽ جيڪڏهن توهان صبر ڪندؤ ۽ پرهيزگار ٿيندؤ پوءِ بيشڪ اهو پڪي پهه وارن ڪمن کان آهي. ۽

صبر ڪندؤ ۽ (الله کان) ڊڄندؤ ته اها (عادت) همت جي ڪمن مان آهي.

اِذۡ اَخَذَ اللّٰهُ مِيۡثَاقَ الَّذِيۡنَ اُوۡتُوا الۡكِتٰبَ لَتُبَيِّنُنَّهٗ لِلنَّاسِ

جڏهن ورتو الله انجام انهن کان جن کي ڏنو ويو ڪتاب ته ضرور توهان ٻڌائيندؤ اهو ماڻهن کي

۽ (ياد ڪر) جڏهن الله ڪتاب وارن کان هن لاءِ (پڪو) انجام ورتو ته اُن (ڪتاب) کي ماڻهن لاءِ بيان ڪجو

وَلَا تَكۡتُمُوۡنَهٗ ۫ فَنَبَذُوۡهُ وَرَآءَ ظُهُوۡرِهِمۡ وَاشۡتَرَوۡا بِهٖ ثَمَنًا

۽ نه لڪائيندؤ ان کي پوءِ ڦٽو ڪيائون ان کي پنهنجي پٺين پويان ۽ ورتائون ان جي عوض مُلهه

۽ اُن کي نه لڪائجو، پوءِ اُن (انجام) کي پنهنجين پٺين پوئتان اُڇلايائون ۽ ان جي عيوض ٿورڙو مُلهه ورتائون،

قَلِيۡلًا ؕ فَبِئۡسَ مَا يَشۡتَرُوۡنَ ﴿۱۸۷﴾ لَا تَحۡسَبَنَّ الَّذِيۡنَ يَفۡرَحُوۡنَ

ٿورو، پوءِ بڇڙو آهي جيڪي خريد ڪيائون. تون نه ڀانئجانءِ انهن کي جيڪي خوش ٿين ٿا

پوءِ جيڪي وٺندا آهن سو بڇڙو آهي!. (اي پيغمبرا تون) انهن کي ڇوٽڪاري وارو نه ڀانءِ جيڪي پنهنجي ڪيئي تي

بِمَاۤ اَتَوۡا وَّيُحِبُّوۡنَ اَنۡ يُّحۡمَدُوۡا بِمَا لَمۡ يَفۡعَلُوۡا فَلَا تَحۡسَبَنَّهُمۡ

پنهنجي ڪردار تي ۽ چاهن ٿا ته ساراهيا وڃن ان تي جيڪو نه ڪيو اٿن پوءِ مور نه سمجهه تون انهن کي

خوش ٿيندا آهن ۽ جيڪي نه ڪيائون تنهن تي پنهنجي ساراهڻ کي پسند ڪندا آهن ۽ پوءِ تون انهن کي عذاب کان

بِمَفَازَةٍ مِّنَ الۡعَذَابِ ۚ وَلَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿۱۸۸﴾ وَلِلّٰهِ مُلۡكُ

ڇُٽل عذاب کان، ۽ انهن لاءِ آهي عذاب دردناڪ. ۽ الله جي آهي حڪومت

ڇٽل نه ڀانءِ، ۽ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي. ۽ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي

السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ ﴿۱۸۹﴾ اِنَّ ع ۱۹

آسمانن ۽ زمين جي، ۽ الله هر شيءِ تي سگهه رکندڙ آهي. بيشڪ

الله جي آهي، ۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وسوارو آهي. آسمانن ۽ زمين جي بڻاوت (۾)

فِىۡ خَلۡقِ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ وَاخۡتِلَافِ الَّيۡلِ وَالنَّهَارِ لَاٰيٰتٍ

پيدا ڪرڻ آسمانن ۽ زمين جي ۾ ۽ ڦيرگهير رات ۽ ڏينهن جي ۾ نشانيون آهن

۽ رات ڏينهن جي ڦيرگهير ۾ انهن سمجهه وارن لاءِ ضرور نشانيون آهن.

لِّاُولِی الْاَلْبَابِ ﴿۱۹۰﴾ الَّذِیْنَ یَذْكُرُوْنَ اللّٰهَ قِیٰمًا وَّ قُعُوْدًا وَّ

عقل وارن لاءِ. اهي جيڪي يادڪن ٿا الله کي بيٺي ۽ ويٺي ۽

جيڪي بيٺي ۽ ويٺي ۽ پنهنجن پاسن پر الله کي ياد ڪندا آهن

عَلٰى جُنُوْبِهِمْ وَ یَتَفَكَّرُوْنَ فِیْ خَلْقِ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ۚ

پاسن پر ۽ سوچ ڪن ٿا بناوت آسمانن ۽ زمين جي پر.

۽ آسمانن ۽ زمين جي بڻاوت پر فڪر ڪندا آهن، (۽ چوندا آهن تہ) اي اسان جا پالڻهار!

رَبَّنَا مَا خَلَقْتَ هٰذَا بَاطِلًا ۚ سُبْحٰنَكَ فَقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۱۹۱﴾

چون ٿا اي رب اسان جا نہ پيدا ڪيو تو هن کي اجايو. پاڪ آهي تنهنجي ذات پوءِ بچاءِ اسان کي باهہ جي عذاب کان.

هنن کي بي رڳو نہ بڻايو اٿيئي، توکي پاڪ ڄاڻون ٿا سو اسان کي باهہ جي عذاب کان بچاءِ!

رَبَّنَاۤ اِنَّكَ مَنْ تُدْخِلِ النَّارَ فَقَدْ اَخْزَیْتَهٗ ؕ وَ مَا لِلظّٰلِمِیْنَ

اي اسان جا رب بيشڪ تون جنهن کي وجهندين باهہ پر پوءِ خوار ڪيئي ان کي . ۽ ناهي ظالمن لاءِ

اي اسان جا پالڻهار! جنهن کي تو باهہ پر وڌو تنهن کي بيشڪ خوار ڪيئي ۽ ظالمن جو ڪو مددگار نہ

مِنْ اَنْصَارٍ ﴿۱۹۲﴾ رَبَّنَاۤ اِنَّنَا سَمِعْنَا مُنَادِیًا یُّنَادِیْ لِلْاِیْمَانِ اَنْ

ڪوئي مددگار. اي اسان جا پالڻهار بيشڪ اسان ٻڌو هڪ سڏيندڙ کي جو سڏي پيو ايمان لاءِ تہ

آهي. اي اسان جا پالڻهار! اسان سڏيندڙ جي سڏ کي ٻڌو جو ايمان ڏانهن سڏيندو آهي تہ پنهنجي پالڻهار تي

اٰمِنُوْا بِرَبِّكُمْ فَاٰمَنَّا ۖۗ رَبَّنَا فَاغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَا وَ كَفِّرْ عَنَّا سَیِّاٰتِنَا

ايمان آڻيو پنهنجي رب تي پوءِ ايمان آندوسون اي رب اسان جا پوءِ معاف ڪر اسان کي اسان جا گناهہ ۽ ميسار اسان جون برايون

ايمان آڻيو، پوءِ مڃيوسون. اي اسان جا پالڻهار! اسان کي اسان جا گناهہ بخش ۽ اسان کي اسان جون مدايون ميٽ

وَ تَوَفَّنَا مَعَ الْاَبْرَارِ ﴿۱۹۳﴾ رَبَّنَا وَ اٰتِنَا مَا وَعَدْتَّنَا عَلٰى رُسُلِكَ

۽ پورا ڪر اسان جو ڀلارن سان. اي رب اسان جا ۽ ڏي اسان کي جيڪي تو انجام ڪيو اسان سان پنهنجي رسولن جي رستي

۽ اسان کي ڀلارن سان گڏ موت (نصيب) ڪر. اي اسان جا پالڻهار! اسان کي پنهنجن پيغمبرن (جي زبان) سان جيڪو انجام ڏنو اٿيئي سو پاڙ! ۽

وَ لَا تُخْزِنَا یَوْمَ الْقِیٰمَةِ ؕ اِنَّكَ لَا تُخْلِفُ الْمِیْعَادَ ﴿۱۹۴﴾ فَاسْتَجَابَ

۽ نہ خوار ڪر اسان کي ڏينهن قيامت بيشڪ تون وعده خلافي نہ ڪندو آهين. پوءِ دعا قبول ڪئي

قيامت جي ڏينهن اسان کي خوار نہ ڪج ، بيشڪ تون وعدي خلافي نہ ڪندو آهين.پوءِ سندن پالڻهار

لَهُمْ رَبُّهُمْ اَنِّیْ لَاۤ اُضِیْعُ عَمَلَ عَامِلٍ مِّنْكُمْ مِّنْ ذَكَرٍ

انهن جي سندن رب تہ آءٌ نہ وڃائيندس پورهيو ڪلهن پورهيت جو توهان مان مرد هجي

انهن جي دعا قبول ڪئي تہ، آءٌ اوهان مان عمل ڪندڙ مرد يا عورت جو عمل نہ وڃائيندس.

اَوْ اُنْثٰى ۚ بَعْضُكُمْ مِّنْۢ بَعْضٍ ۚ فَالَّذِيْنَ هَاجَرُوْا وَاُخْرِجُوْا مِنْ
يا عورت، اوهان هڪ ٻئي مان آهيو، پوءِ جن هجرت ڪئي ۽ ڪڍيا ويا پنهنجن
اوهان هڪ ٻئي مان (پيدا ٿيل) آهيو (يعني سڀ هڪ جنس آهيو) پوءِ جن وطن ڇڏيو ۽ پنهنجن گهرن مان ڪڍيا ويا
دِيَارِهِمْ وَاُوْذُوْا فِيْ سَبِيْلِيْ وَقٰتَلُوْا وَقُتِلُوْا لَاُكَفِّرَنَّ عَنْهُمْ
گهرن مان ۽ ايذايا ويا منهنجي راهه ۾ ۽ جنگ ڪيائون ۽ شهيد ٿيا ته ضرور ميساريندم انهن کان
۽ منهنجيءَ واٽ ۾ ڏکويا ويا ۽ وڙهيا ۽ ڪُٺا ويا، تن کان سندن مدايون ضرور ميٽيندس،
سَيِّاٰتِهِمْ وَلَاُدْخِلَنَّهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۚ
سندن برايون ۽ ضرور داخل ڪندم انهن کي بهشتن ۾ وهن ٿيون جن جي هيٺان واهيون،
۽ انهن کي (بهشت جي اهڙن) باغن ۾ ضرور داخل ڪندس جن جي هيٺان نهرون
ثَوَابًا مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۭ وَاللّٰهُ عِنْدَهٗ حُسْنُ الثَّوَابِ ﴿١٩٥﴾
اهو ثواب آهي الله جي طرفان، ۽ الله وٽ سهڻو بدلو آهي.
وهنديون آهن، (اهو) بدلو الله وٽان آهي، ۽ الله وٽ چڱو بدلو آهي.
لَا يَغُرَّنَّكَ تَقَلُّبُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِي الْبِلَادِ ﴿١٩٦﴾ مَتَاعٌ قَلِيْلٌ قف
هرگز توکي ۾ نه وجهي توکي اچ وڃ ڪافرن جي شهرن ۾. اهو فائدو گهٽ آهي،
(اي پيغمبر!) ملڪن ۾ ڪافرن جو ڦرڻ گهرڻ توکي نه ٺڳي. اهو ٿورڙو فائدو آهي،
ثُمَّ مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ۭ وَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿١٩٧﴾ لٰكِنِ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا
پوءِ جاءِ انهن جي دوزخ آهي. ۽ اها بڇڙي جاءِ آهي. مگر اهي ماڻهو جيڪي ڊنا پنهنجي
وري سندن جاءِ دوزخ آهي، ۽ (اهو) بڇڙو هنڌ آهي!. پر جيڪي پنهنجي پالڻهار کان ڊنا
رَبَّهُمْ لَهُمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا
رب کان تن لاءِ باغ آهن جو وهن ٿيون انهن جي هيٺان واهيون هميشه رهندا انهن ۾
تن لاءِ باغ آهن جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن، اُن ۾ سدائين رهڻ وارا آهن.
نُزُلًا مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۭ وَمَا عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ لِّلْاَبْرَارِ ﴿١٩٨﴾ وَاِنَّ
مهماني طور الله جي طرفان ۽ جيڪي الله وٽ آهي اهو ڀلو آهي ڀلارن لاءِ. ۽ بيشڪ
اها مهماني الله وٽان آهي، ۽ جيڪي الله وٽ آهي سو ڀلارن لاءِ چڱو آهي. ۽
مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ لَمَنْ يُّؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ
ڪجهه اهل ڪتاب اهڙا آهن جي ايمان آڻن ٿا الله تي ۽ ان تي جيڪي لاٿو ويو توهان تي
ڪتاب وارن مان ڪي اهي آهن، جيڪي الله کي ۽ جيڪي تو ڏانهن (قرآن) لاٿو ويو تنهن کي ۽ جيڪي

وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِمْ خٰشِعِيْنَ لِلّٰهِ ۙ لَا يَشْتَرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ

۽ جيڪي لاٿو ويو انهن تي عاجزي ڪندڙ الله لاءِ نہ ٿا وڪڻن الله جي آيتن کي

(توريت) انهن ڏانهن لاٿو ويو تنهن کي الله جي عاجزي ڪندڙ ٿي مڃيندا آهن. الله جي آيتن کي

ثَمَنًا قَلِيْلًا ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ

رقم ٿوري ۾ تي، اهي ئي آهن جن لاءِ سندن اجورو آهي پنهنجي رب وٽ، بيشڪ الله تڪڙو

ٿوري ملهہ سان نہ وڪڻندا آهن. اِهي (اهي) آهن جن لاءِ سندن پالڻهار وٽ سندن اجر آهي، بيشڪ الله

الْحِسَابِ ﴿١٩٩﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اصْبِرُوْا وَصَابِرُوْا وَرَابِطُوْا ۟

حساب وٺندڙ آهي. اي اهي جن ايمان آندو صبر ڪريو ۽ هڪ ٻئي کي مضبوط ڪريو ۽ ڳنڍيل رهو،

سگهو حساب وٺندڙ آهي. اي ايمان وارو صبر ڪريو ۽ (جهاد لاءِ) مضبوط ٿيو ۽ جڙيا رهو.

وَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿٢٠٠﴾ ع

۽ ڊڄو الله کان من توهان ڪامياب ٿيو.

۽ الله کان ڊڄو تہ مَنَ اوهين ڪامياب ٿيو.

سُوْرَةُ النِّسَآءِ مَدَنِيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ١٧٦ رُكُوْعَاتُهَا ٢٤

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا رَبَّكُمُ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ

اي انسانو! ڊڄو پنهنجي رب کان جنهن پيدا ڪيو توهان کي هڪ جٽي مان

اي انسانو! اوهين اُنهيءَ پنهنجي پالڻهار کان ڊڄو جنهن اوهان کي هڪ جٽي (آدم) مان پيدا ڪيو

وَّخَلَقَ مِنْهَا زَوْجَهَا وَبَثَّ مِنْهُمَا رِجَالًا كَثِيْرًا وَّ

۽ خلقيائين ان مان سندس زال ۽ پکيڙيائين انهن ٻنهي مان مرد گهڻا ۽

۽ منجهانئس سندس زال پيدا ڪيائين ۽ انهن مان گهڻا مرد ۽ عورتون پکيڙيائين، ۽ انهيءَ الله کان

نِسَآءً ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْ تَسَآءَلُوْنَ بِهٖ وَالْاَرْحَامَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ

عورتون، ۽ ڊڄو الله کان جو سوال ڪندا آهيو پاڻ ۾ ان جي نالي سان ۽ ڊڄو رشتن کان، بيشڪ الله

ڊڄو جنهن (جي نالي) سان (پاڻ ۾) هڪ ٻئي کان گهرندا آهيو ۽ مائٽيءَ (ڇنڻ) کان (بہ ڊڄو)، ڇو تہ

كَانَ عَلَيْكُمْ رَقِيْبًا ﴿١﴾ وَاٰتُوا الْيَتٰمٰٓى اَمْوَالَهُمْ وَلَا تَتَبَدَّلُوا

آهي توهان تي نگاهہ رکندڙ، ۽ ڏيو يتيمن کي مال انهن جا ۽ نہ بدلايو

الله اوهان تي نگهبان آهي، ۽ يتيمن کي سندن مال ڏيو ۽ سٺيءَ شيءِ کي بڇڙيءَ سان

الْخَبِيْثَ بِالطَّيِّبِ ۠ وَلَا تَاْكُلُوْٓا اَمْوَالَهُمْ اِلٰٓى اَمْوَالِكُمْ ؕ اِنَّهٗ كَانَ

خراب مال انهن جي سٺي سان ۽ نه کائو انهن جي ملڪيت پنهنجي ملڪيت سان گڏي، بيشڪ اهو آهي

نه مٽايو ۽ انهن (يتيمن) جو مال پنهنجن مالن سان (گڏي) نه کائو، ڇو ته اهو وڏو ڏوهه آهي.

حُوْبًا كَبِيْرًا ۝٢ وَاِنْ خِفْتُمْ اَلَّا تُقْسِطُوْا فِي الْيَتٰمٰى فَانْكِحُوْا

گناهه وڏو. ۽ جيڪڏهن ڊڄو ٿا ته نه انصاف ڪندؤ يتيم نياڻين ۾ ته نڪاح ڪريو

جيڪڏهن ڊڄو ته يتيم ڇوڪرين (جي نڪاح ڪرڻ) ۾ عدل نه ڪندؤ ته (ٻين) زالن مان

مَا طَابَ لَكُمْ مِّنَ النِّسَآءِ مَثْنٰى وَثُلٰثَ وَرُبٰعَ ۚ فَاِنْ خِفْتُمْ

جيڪي وڻن توهان کي عورتون ٻه ٻه ۽ ٽي ٽي ۽ چارچار، پوءِ جيڪڏهن ڊڄو ٿا

جيڪي اوهان کي وڻن سي ٻه ٻه ۽ ٽي ٽي ۽ چار چار پرڻجو. پوءِ جيڪڏهن ڊڄو ٿا ته اوهان کان انصاف

اَلَّا تَعْدِلُوْا فَوَاحِدَةً اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ ؕ ذٰلِكَ اَدْنٰٓى اَلَّا

ته برابري نه ڪندؤ ته پوءِ هڪڙي يا اهي (ٻانهيون) جن جا مالڪ آهيو، اهو ويجهو آهي ته نه

ٿي نه سگهندو ته هڪ (پرڻجو) يا اوهان جا هٿ جن (ٻانهين) جا مالڪ ٿيا آهن (سي رکو). اهو هن کي ويجهو آهي

تَعُوْلُوْا ؕ ۝٣ وَاٰتُوا النِّسَآءَ صَدُقٰتِهِنَّ نِحْلَةً ؕ فَاِنْ طِبْنَ لَكُمْ

ڏاڍائي ڪندؤ. ۽ ڏيو عورتن کي سندن مهر خوشي سان، پوءِ جيڪڏهن ڇڏين توهان کي

ته ڏاڍائي نه ڪريو. ۽ زالن کي سندن ڪابين خوشيءَ سان ڏيو. پوءِ جيڪڏهن اوهان کي پاڻ خوشيءَ سان انهيءَ مان

عَنْ شَيْءٍ مِّنْهُ نَفْسًا فَكُلُوْهُ هَنِيْٓـًٔا مَّرِيْٓـًٔا ۝٤ وَلَا تُؤْتُوا

ڪجهه انهيءَ مان پنهنجو پاڻ ته کائو اهو وڻندڙ سهائيندڙ ڪري. ۽ نه ڏيو

ڪجهه ڇڏين ته اهو سهائيندڙ وڻندڙ ڪري کائو. ۽ بي سمجهن کي پنهنجا اهي مال نه ڏيو

السُّفَهَآءَ اَمْوَالَكُمُ الَّتِيْ جَعَلَ اللّٰهُ لَكُمْ قِيٰمًا وَّارْزُقُوْهُمْ

بي سمجهن کي پنهنجا مال جنهن کي ڪيو الله توهان جو گذران ۽ کارايو انهن کي

جن کي الله اوهان لاءِ گذران جو سبب بڻايو آهي ۽ منجهانئس کين کارايو

فِيْهَا وَاكْسُوْهُمْ وَقُوْلُوْا لَهُمْ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ۝٥ وَابْتَلُوا الْيَتٰمٰى

انهيءَ مان ۽ پارايو انهن کي ۽ چئو انهن کي ڳالهه چڱائي واري. ۽ آزمايو ڇورن ٻارن کي

۽ پهرايو ۽ کين چڱي ڳالهه چئو. ۽ ايستائين يتيمن کي پرکيو جيستائين

حَتّٰٓى اِذَا بَلَغُوا النِّكَاحَ ۚ فَاِنْ اٰنَسْتُمْ مِّنْهُمْ رُشْدًا فَادْفَعُوْٓا

جيستائين نڪاح جيڏا ٿين، پوءِ جيڪڏهن توهان سمجهو انهن ۾ ڪا چڱائي ته حوالي ڪريو

پرڻي (جي عمر) کي پهچن، پوءِ جيڪڏهن انهن ۾ ڪا سياڻپ لهو ته سندن مال کين ورائي ڏيو.

اِلَيْهِمْ اَمْوَالَهُمْ ۚ وَلَا تَاْكُلُوْهَآ اِسْرَافًا وَّبِدَارًا اَنْ يَّكْبَرُوْا ؕ

انهن ڏانهن سندن ملڪيت، ۽ نه کائو ان کي اجايو ۽ تڪڙ ڪري ته متان وڏا ٿين،

۽ اهي (مال) اجايو ۽ (سندن) وڏي ٿيڻ جي ڀئو کان تڪڙ ڪري نه کائو، ۽ جيڪو (سنڀاليندڙ) آسودو هجي

وَمَنْ كَانَ غَنِيًّا فَلْيَسْتَعْفِفْ ۚ وَمَنْ كَانَ فَقِيْرًا فَلْيَاْكُلْ

۽ جيڪو آهي آسودو ته پرهيز ڪري، ۽ جيڪو آهي محتاج ته ڀل کائي

تنهن کي گهرجي ته (يتيم جي مال کائڻ کان) پاسي رهي، ۽ جيڪو مسڪين هجي سو مناسب (خدمت) آهر

بِالْمَعْرُوْفِ ؕ فَاِذَا دَفَعْتُمْ اِلَيْهِمْ اَمْوَالَهُمْ فَاَشْهِدُوْا

خدمت آهر، پوءِ جيڪڏهن حوالي ڪيو ٿا انهن کي سندن ملڪيت ته شاهد ڪريو

کائيندو رهي، پوءِ جڏهن سندن مال کين ورائي ڏيو تڏهن مٿن شاهد ڪريو،

عَلَيْهِمْ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ حَسِيْبًا ۝٦ لِلرِّجَالِ نَصِيْبٌ مِّمَّا تَرَكَ

انهن تي، ۽ ڪافي آهي الله حساب ڪندڙ. مردن لاءِ ڀاڱو آهي انهيءَ مان جيڪي ڇڏي ويا

۽ الله حساب ڪندڙ بس آهي. جيڪو (مال) ماءُ پيءُ ۽ مٽن ڇڏيو تنهن مان

الْوَالِدٰنِ وَالْاَقْرَبُوْنَ ۖ وَلِلنِّسَآءِ نَصِيْبٌ مِّمَّا تَرَكَ الْوَالِدٰنِ

پيءُ ماءُ ۽ رشتيدار، ۽ عورتن لاءِ آهي حصو ان مان جو ڇڏيئون پيءُ ماءُ

مردن لاءِ حصو آهي، ۽ جيڪو (مال) ماءُ پيءُ ۽ مٽن ڇڏيو تنهن مان زالن لاءِ (به) حصو آهي،

وَالْاَقْرَبُوْنَ مِمَّا قَلَّ مِنْهُ اَوْ كَثُرَ ؕ نَصِيْبًا مَّفْرُوْضًا ۝٧ وَاِذَا

۽ ٻيا مائٽ ٿورو هجي يا گهڻو، حصو مقرر ڪيل. ۽ جڏهن

اهو (ڇڏيل مال) ٿورو هجي يا گهڻو. حصا (الله جا) مقرر ڪيل آهن. ۽ جڏهن

حَضَرَ الْقِسْمَةَ اُولُوا الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنُ فَارْزُقُوْهُمْ

اچن ورهاست مهل مائٽ ويجها ۽ يتيم ٻار ۽ ٻيا غريب ته انهن کي ڪجهه ڏيو

ورهاڱي مهل مائٽيءَ وارا ۽ يتيم ۽ مسڪين حاضر ٿين تڏهن ان (مال) مان انهن ماڻهن کي (ڪجهه) ڏيو

مِّنْهُ وَقُوْلُوْا لَهُمْ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ۝٨ وَلْيَخْشَ الَّذِيْنَ لَوْ تَرَكُوْا

ان مان ۽ ٻڌايو انهن کي ڳالهه چڱي طرح، ۽ ڀل خطرو ڪن اهي ماڻهو جيڪڏهن ڇڏين

۽ انهن کي مٺي ڳالهه چئو، ۽ انهن کي (الله کان) ڊڄڻ گهرجي جيڪي جيڪڏهن پنهنجي پٺيان

مِنْ خَلْفِهِمْ ذُرِّيَّةً ضِعٰفًا خَافُوْا عَلَيْهِمْ ۖ فَلْيَتَّقُوا اللّٰهَ

ها پنهنجي پٺيان اولاد ڪمزور ته ڳڻتي ڪن ها انهن تي، تنهنڪري ڊڄن الله کان

هيڻو اولاد ڇڏين ته مٿن ڊڄن (ته ڪهڙو حال ٿيندن) پوءِ گهرجي ته الله کان ڊڄن

وَلْيَقُولُوا قَوْلًا سَدِيدًا ⑨ إِنَّ الَّذِينَ يَأْكُلُونَ أَمْوَالَ الْيَتَامَىٰ

۽ چَوَن ڳالهه سڌي . بيشڪ جيڪي ماڻهو کائن ٿا مال چورن ٻارن جا

۽ گهرجي ته سڌي ڳالهه چون. جيڪي يتيمن جو مال ڏاڍ سان کائيندا آهن، سي

ظُلْمًا إِنَّمَا يَأْكُلُونَ فِي بُطُونِهِمْ نَارًا ۖ وَسَيَصْلَوْنَ سَعِيرًا ⑩ ع ١٢

ڏاڍ سان رڳو اهي کائن ٿا پنهنجي پيٽن ۾ باهه کي، ۽ جلد داخل ٿيندا دوزخ ۾.

پنهنجن پيٽن ۾ رڳو باهه کائيندا آهن، ۽ دوزخ ۾ سگهو گهڙندا.

يُوصِيكُمُ اللَّهُ فِي أَوْلَادِكُمْ ۖ لِلذَّكَرِ مِثْلُ حَظِّ الْأُنثَيَيْنِ ۚ

حڪم ٿو ڪري توهان کي الله توهان جي اولاد جي حق ۾، ته مرد لاءِ آهي جيترو ڀاڱو ٻن عورتن جو،

الله اوهان جي اولاد بابت اوهان کي وصيت ٿو ڪري ته پٽ لاءِ (حصو) ٻن ڌيئرن جي ڀاڱي جيترو آهي،

فَإِن كُنَّ نِسَاءً فَوْقَ اثْنَتَيْنِ فَلَهُنَّ ثُلُثَا مَا تَرَكَ ۖ وَ

پوءِ جيڪڏهن آهن عورتون ٻن کان مٿي ته انهن لاءِ آهن ٻه ٽميون ڇڏيل ملڪيت جون، ۽

۽ جيڪڏهن (فقط) ڌيئرون ٻن کان وڌيڪ هجن ته (مئل) جيڪي ڇڏيو تنهن جون ٻه ٽهايون انهن لاءِ آهن، ۽

إِن كَانَتْ وَاحِدَةً فَلَهَا النِّصْفُ ۚ وَلِأَبَوَيْهِ لِكُلِّ وَاحِدٍ مِّنْهُمَا

جيڪڏهن آهي هڪڙي ته انهيءَ لاءِ آهي اڌ، ۽ ميت جي پيءُ ماءُ لاءِ هر هڪ لاءِ انهن مان آهي

جيڪڏهن (فقط) هڪ آهي ته ان لاءِ اڌ آهي، ۽ مئل جيڪي ڇڏيو تنهن مان ان جي ماءُ پيءُ هرهڪ لاءِ

السُّدُسُ مِمَّا تَرَكَ إِن كَانَ لَهُ وَلَدٌ ۚ فَإِن لَّمْ يَكُن لَّهُ وَلَدٌ

ڇهون حصو ڇڏيل ملڪيت مان جي آهي ان کي اولاد، پر جيڪڏهن ناهي ان کي اولاد

ڇهون ڀاڱو آهي (سو تڏهن) جڏهن ان (مئل) کي اولاد هجي، ۽ جيڪڏهن ان کي اولاد نه هجي

وَوَرِثَهُ أَبَوَاهُ فَلِأُمِّهِ الثُّلُثُ ۚ فَإِن كَانَ لَهُ إِخْوَةٌ فَلِأُمِّهِ

۽ انجا وارث آهن پيءُ ماءُ پوءِ ان جي ماءُ لاءِ آهي ٽيون حصو، پوءِ جيڪڏهن آهن ان کي ڀائر ته ان جي ماءُ لاءِ

۽ ان جا وارث ماءُ پيءُ هجن ته ماءُ لاءِ ٽيون ڀاڱو (۽ باقي پيءُ لاءِ) آهي، ۽ جيڪڏهن ان (مئل) کي ڀائر هجن ته ماءُ لاءِ

السُّدُسُ مِن بَعْدِ وَصِيَّةٍ يُوصِي بِهَا أَوْ دَيْنٍ ۗ آبَاؤُكُمْ وَ

ڇهون حصو آهي بعد ادا ڪرڻ وصيت جي، جيڪا ڪري ويو يا قرض ادائي بعد، توهان جا پيئر ۽

ڇهون حصو آهي (اهو ورهاڱو) وصيت (جي ادائگيءَ کان پوء) جنهن لاءِ اها وصيت ڪيائين يا قرض جي ادائگي کان پوء (ڪرڻو) آهي.

أَبْنَاؤُكُمْ لَا تَدْرُونَ أَيُّهُمْ أَقْرَبُ لَكُمْ نَفْعًا ۚ فَرِيضَةً مِّنَ

توهان جا پٽ، نه ٿا ڄاڻو ته ڪير انهن مان ويجهو آهي اوهان لاءِ نفعي ۾، حصو مقرر آهي طرفان

اوهان جا پيئر ۽ اوهان جا پٽ (اوهين) نه ڄاڻندا آهيو ته انهن مان ڪهڙو اوهان لاءِ فائدي جي ڪري وڌيڪ ويجهو آهي؟ (اهو ورهاڱو)

اللهِ ط اِنَّ اللهَ كَانَ عَلِيْمًا حَكِيْمًا (11) وَلَكُمْ نِصْفُ مَا تَرَكَ
الله جي، بيشڪ الله آهي علم رکندڙ حڪمت جاڻندڙ. ۽ توهان لاءِ اڌ آهي ان مال مان جو ڇڏي ويون
الله جي (پارڪان) فرض ڪيل آهي، ڇو ته الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. ۽ جيڪي (مال) اوهان جي زالن ڇڏيو تنهن جو اڌ اوهان لاءِ آهي،

اَزْوَاجُكُمْ اِنْ لَّمْ يَكُنْ لَّهُنَّ وَلَدٌ ج فَاِنْ كَانَ لَهُنَّ وَلَدٌ فَلَكُمُ
توهان جون زالون جي ناهي انهن کي اولاد، پر جيڪڏهن آهي انهن کي اولاد پوءِ توهان لاءِ آهي
جيڪڏهن انهن کي ڪو ٻار ڪونه هجي، پر جيڪڏهن انهن کي ٻار هجي ته جيڪي ڇڏيائون تنهن مان چوٿون

الرُّبُعُ مِمَّا تَرَكْنَ مِنْ بَعْدِ وَصِيَّةٍ يُّوْصِيْنَ بِهَآ اَوْ دَيْنٍ ط
چوٿون حصو ان مان جو ڇڏي ويون بعد ادا ڪرڻ وصيت جي جا ڪري ويون يا قرض ادائي بعد،
ڀاڱو وصيت (جي ادائگيءَ ڪان پوءِ) جنهن لاءِ اها وصيت ڪيائون يا قرض جي ادائيگيءَ ڪان پوءِ اوهان لاءِ آهي،

وَلَهُنَّ الرُّبُعُ مِمَّا تَرَكْتُمْ اِنْ لَّمْ يَكُنْ لَّكُمْ وَلَدٌ ج فَاِنْ كَانَ
۽ انهن لاءِ آهي چوٿون حصو ان مان جيڪي ڇڏي ويؤ توهان جيڪڏهن ناهي توهان کي ڪو اولاد، پوءِ جيڪڏهن آهي
۽ جيڪي (مال) اوهان ڇڏيو تنهن مان جيڪڏهن اوهان کي ٻار ڪونهي ته انهن (زالن) لاءِ چوٿون ڀاڱو آهي ۽ جيڪڏهن

لَكُمْ وَلَدٌ فَلَهُنَّ الثُّمُنُ مِمَّا تَرَكْتُمْ مِّنْ بَعْدِ وَصِيَّةٍ
توهان کي اولاد ته انهن لاءِ اٺون حصو آهي ان مان جيڪي توهان ڇڏي ويا وصيت کان پوءِ
اوهان کي ٻار آهي ته جيڪي (مال) اوهان ڇڏيو تنهن مان وصيت (جي ادائگي کانپوءِ) جنهن لاءِ اها وصيت ڪئي اٿو يا قرض جي ادائگيءَ کان پوءِ

تُوْصُوْنَ بِهَآ اَوْ دَيْنٍ ط وَاِنْ كَانَ رَجُلٌ يُّوْرَثُ كَلٰلَةً اَوِ
جا وصيت توهان ڪئي يا قرض ادائي بعد، ۽ جيڪڏهن ڪو مرد جنهن جو ورثو ڏجي تو آهي نبيٺو اڪيلو يا
انهن (زالن) لاءِ اٺون ڀاڱو آهي، ۽ جيڪڏهن ڪو (مئل) مرد يا عورت ورثو ڇڏي (۽ اهو) ڪلالہ هجي (يعني جنهن کي ماءُ پيءُ ۽ ڪو ٻار نه

امْرَاَةٌ وَّلَهٗٓ اَخٌ اَوْ اُخْتٌ فَلِكُلِّ وَاحِدٍ مِّنْهُمَا السُّدُسُ ج فَاِنْ
ڪا عورت ۽ انکي آهي ماٽيتو ڀاءُ يا ڀيڻ ته پوءِ هر هڪ لاءِ آهي انهن مان ڇهون حصو، پوءِ جي
هجي) ۽ ان کي (ماٽيتو) هڪ ڀاءُ يا هڪ ڀيڻ هجي ته انهن منجهان هرهڪ لاءِ ڇهون حصو آهي، ۽ جيڪڏهن

كَانُوْٓا اَكْثَرَ مِنْ ذٰلِكَ فَهُمْ شُرَكَآءُ فِى الثُّلُثِ مِنْ بَعْدِ وَصِيَّةٍ
آهن وڌيڪ انهيءَ کان ته پوءِ اهي ڀائيوار آهن ٽئين ڀاڱي ۾ وصيت بعد
انهن کان وڌيڪ هجن ته اهي (سڀ) جا وصيت نقصان واري نه ڪئي وئي هجي، تنهن

يُّوْصٰى بِهَآ اَوْ دَيْنٍ لا غَيْرَ مُضَآرٍّ ج وَصِيَّةً مِّنَ اللهِ ط
جا وصيت ڪئي وئي آهي يا قرض ادائي بعد، وصيت نقصان نه ڪندڙ، اهو حڪم آهي الله جي طرفان
يا قرض جي ادائگيءَ کانپوءِ ٽهائيءَ ۾ ڀائيوار آهن، (اهو) الله جو حڪم آهي

وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَلِيْمٌ ؕ ⑫ تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ ؕ وَمَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ

۽ الله علم رکندڙ سهپ رکندڙ آهي. اهي حدون الله جون آهن، ۽ جيڪو اطاعت ڪندو الله ۽ ان جي رسول جي

۽ الله ڄاڻندڙ بردبار آهي. اِهي الله جون حدون آهن، ۽ جيڪو الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪندو

يُدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ وَ

ته اهو داخل ڪندو انکي باغن ۾ وهن ٿيون جن جي هيٺان واهيون هميشه رهندا ان ۾، ۽

تنهن کي (الله اهڙن) باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن، اُن ۾ سدائين رهڻ وارا آهن.

ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ⑬ وَمَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَيَتَعَدَّ

اهائي ڪاميابي وڏي آهي. ۽ جيڪو بي فرماني ڪندو الله ۽ ان جي رسول جي ۽ ٽپندو

۽ اُها وڏي مراد ماڻڻ آهي. ۽ جيڪو الله ۽ سندس رسول جي بي فرماني ڪندو ۽ سندس حدن کان

حُدُوْدَهٗ يُدْخِلْهُ نَارًا خَالِدًا فِيْهَا ۠ وَلَهٗ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ⑭ ع ۲ ۱۴

ان جون حدون ته داخل ڪندو ان کي باهه ۾ هميشه رهندو ان ۾ ۽ ان لاءِ عذاب ذليل ڪندڙ آهي.

ٻاهر نڪرندو تنهن کي باهه ۾ داخل ڪندو اُن ۾ سدائين رهڻ وارو آهي ۽ اُن لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي.

وَالّٰتِيْ يَاْتِيْنَ الْفَاحِشَةَ مِنْ نِّسَآئِكُمْ فَاسْتَشْهِدُوْا عَلَيْهِنَّ

۽ اهي جو ڪن ٿيون بي شرمي توهان جي عورتن مان ته شاهد آڻيو انهن تي

۽ اوهان جي زائفن مان جيڪي بي حيائيءَ جو ڪم ڪن تن تي پاڻ مان چار (مرد) شاهد ڪريو.

اَرْبَعَةً مِّنْكُمْ ۚ فَاِنْ شَهِدُوْا فَاَمْسِكُوْهُنَّ فِي الْبُيُوْتِ حَتّٰى

چار توهان مان، پوءِ جيڪڏهن اهي شاهدي ڏين پوءِ جهليو انهن کي گهرن ۾ جيسين پورو

پوءِ جيڪڏهن (شاهد) شاهدي ڏين ته انهن کي ايستائين گهرن ۾ جهليو جيستائين

يَتَوَفّٰهُنَّ الْمَوْتُ اَوْ يَجْعَلَ اللّٰهُ لَهُنَّ سَبِيْلًا ⑮ وَالَّذٰنِ يَاْتِيٰنِهَا

ڪري انهن کي موت يا ڪري الله انهن لاءِ ڪو رستو. ۽ جي ٻه مرد ڪن اهو ڪم

کين موت ماري يا الله انهن لاءِ ڪو رستو ڪڍي. ۽ اوهان مان جيڪي ٻه مرد اهو ڪم ڪن

مِنْكُمْ فَاٰذُوْهُمَا ۚ فَاِنْ تَابَا وَاَصْلَحَا فَاَعْرِضُوْا عَنْهُمَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ

توهان مان ته سزا ڏيو انهن کي، پوءِ جيڪڏهن توبهه ڪن ۽ چڱا ٿين ته مُڙي وڃو انهن کان، بيشڪ الله

تن کي مار ڏيو پوءِ جيڪڏهن توبهه ڪن ۽ پاڻ سڌارين ته انهن (کي مار ڏيڻ) کان مُڙو، ڇو ته الله

كَانَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا ⑯ اِنَّمَا التَّوْبَةُ عَلَى اللّٰهِ لِلَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ

آهي توبهه قبول ڪندڙ مهربان. رڳو توبهه قبولڻ الله تي انهن لاءِ آهي جيڪي ڪن ٿا

توبه قبول ڪندڙ مهربان آهي. الله کي رڳو انهن جي توبه (قبول) ڪرڻ جڳائيندي آهي، جيڪي بي سمجهائيءَ سان

السُّوْٓءَ بِجَهَالَةٍ ثُمَّ يَتُوْبُوْنَ مِنْ قَرِيْبٍ فَاُولٰٓئِكَ يَتُوْبُ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ ؕ

گناھ اڻ ڄاڻائيءَ سان پوءِ پشيمان ٿين ٿا جلد ئي تہ پوءِ اھي معاف ڪري ٿو الله انهن کي،

گناھ ڪندا آھن، وري جهٽ پٽ توبہ ڪندا آھن انهن تي الله (ٻاجھہ سان) موٽندو آھي،

وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ⑰ وَلَيْسَتِ التَّوْبَةُ لِلَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ السَّيِّاٰتِ ۚ

۽ آھي الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو. ۽ نہ آھي توبہ انهن جي جيڪي ڪن ٿا بڇڙايون

۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آھي. ۽ اُنهن جي توبہ قبول ٿيڻي نہ آھي جيڪي بڇڙايون ڪندا (رھندا) آھن

حَتّٰٓى اِذَا حَضَرَ اَحَدَهُمُ الْمَوْتُ قَالَ اِنِّىْ تُبْتُ الْـٰٔنَ وَلَا الَّذِيْنَ

ايستائين جو جڏھن پهچي ٿو انهن مان ڪنهن تي موت چوي ٿو تہ مون توبہ ڪئي ھينئر ۽ ناھي انهن جي توبہ

(۽ نہ ڇڏيندا آھن) تان جو جنهن مهل انهن مان ڪنهن کي موت پهچي تنهن مهل (ڀڄي) چوي تہ ھاڻي آءٌ توبہ ڪريان ٿو ۽ نڪي

يَمُوْتُوْنَ وَهُمْ كُفَّارٌ ؕ اُولٰٓئِكَ اَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ⑱ يٰٓاَيُّهَا

جيڪي مرن ٿا ڪفر جي حال ۾، اھي ئي تيار ڪيو سون انهن لاءِ عذاب دردناڪ. اي

انهن جي (توبہ قبول آھي) جيڪي ڪافر ٿي مرندا آھن، انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيو اٿون.

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا يَحِلُّ لَكُمْ اَنْ تَرِثُوا النِّسَآءَ كَرْهًا ؕ وَلَا تَعْضُلُوْهُنَّ

ايمان وارؤ! ناھي جائز توھان لاءِ جو وارث ٿيو عورتن جا زورسان، ۽ نہ بند ڪريو انهن

اي ايمان وارؤ! اوھان کي عورتن جو (سندن) بي مرضيءَ وارث ٿيڻ روا نہ آھي، ۽ نڪي سندن

لِتَذْهَبُوْا بِبَعْضِ مَآ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ اِلَّآ اَنْ يَّاْتِيْنَ بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ ۚ

کي ھن لاءِ تہ کسيو ڪجھہ ان مان جو ڏنو اٿوَ انهن کي مگر جي آڻين کا بي حيائي پڌري،

پڌري گناھ ڪرڻ کانسواءِ کين ھن لاءِ جهليو تہ جيڪي کين ڏنو ھجيوَ تنهن مان ڪجھہ موٽائي وٺو.

وَعَاشِرُوْهُنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ۚ فَاِنْ كَرِهْتُمُوْهُنَّ فَعَسٰٓى اَنْ تَكْرَهُوْا شَيْـًٔا

۽ گذاريو انهن سان سٺي طرح، پوءِ جي ناپسند ڪريو ٿا انهن کي تہ ممڪن آھي جو ناپسند ڪريو ڪنهن شيءِ کي

۽ ساڻن چڱي ھليءَ چليءَ وانگر گذاريو پوءِ جيڪڏھن اھي اوھان کي نہ وڻن (تہ صبر ڪريو ڇوتہ) جا شيءِ اوھان کي نہ وڻندي ھجي

وَّيَجْعَلَ اللّٰهُ فِيْهِ خَيْرًا كَثِيْرًا ⑲ وَاِنْ اَرَدْتُّمُ اسْتِبْدَالَ زَوْجٍ مَّكَانَ

۽ ڪري الله ان ۾ ڀلائي گهڻي، ۽ جيڪڏھن گهرو ٿا بدلائي وٺڻ زال جو زال جي جاءِ

تنهن ۾ ممڪن آھي تہ الله گهڻي چڱائي ڪري، ۽ جيڪڏھن (ھڪ) زال جي بجاءِ ٻي زال پرڻڻ جو ارادو ڪريو

زَوْجٍ ۙ وَّاٰتَيْتُمْ اِحْدٰىهُنَّ قِنْطَارًا فَلَا تَاْخُذُوْا مِنْهُ شَيْـًٔا ؕ اَتَاْخُذُوْنَهٗ

تي ۽ ڏنو اٿوَ انهن مان ھڪڙيءَ کي وڏو مال تہ نہ وٺو ان مان ڪا شيءِ، ڇا وٺندؤ اھو

۽ انهن مان ھڪڙي کي گهڻو مال (ڪابين ۾) ڏنو ھجيو تہ منجهانئس ڪجھہ موٽائي نہ وٺو، (اوھين)

بُهْتَانًا وَّاِثْمًا مُّبِيْنًا ﴿٢٠﴾ وَكَيْفَ تَاْخُذُوْنَهٗ وَقَدْ اَفْضٰى بَعْضُكُمْ اِلٰى

تهمت سان ۽ گناهه پڌري سان. ۽ ڪيئن ٿا وٺو اهو هوڏانهن ويجها ٿيا آهيو هڪ

بهتان ۽ پڌري گناهه ڪندي اهو (مال) کسيندا آهيو ڇا؟ اهو (مال) ڪهڙيءَ طرح کسيندا آهيو؟ حالانڪ اوهان هڪ ٻئي کان نفعو وٺي چڪو

بَعْضٍ وَّاَخَذْنَ مِنْكُمْ مِّيْثَاقًا غَلِيْظًا ﴿٢١﴾ وَلَا تَنْكِحُوْا مَا نَكَحَ اٰبَآؤُكُمْ

ٻئي کي ۽ ورتو زالن توهان کان وعدو پڪو. ۽ نہ نڪاح ڪريو جيڪي نڪاح ڪيون ابن ڏاڏن توهان جن

۽ (زالن بہ) اوهان کان (مهر ڏيڻ جو) پڪو انجام ورتو آهي.۽ جيڪي زالون اوهان جي پيئرن پرڻيون سي اوهين

مِّنَ النِّسَآءِ اِلَّا مَا قَدْ سَلَفَ ؕ اِنَّهٗ كَانَ فَاحِشَةً وَّمَقْتًا ؕ وَسَآءَ

کي زالون مگر جو اڳ ۾ ٿي گذريو، بيشڪ اها آهي بي حيائي ۽ غضب جو ڪم، ۽ بڇڙو

نہ پرڻجو پر جيڪي اڳي گذريو (سو گذريو) ڇو تہ اها بي حيائي ۽ گناهه آهي ۽ اها بڇڙي وات آهي.

سَبِيْلًا ﴿٢٢﴾ ع حُرِّمَتْ عَلَيْكُمْ اُمَّهٰتُكُمْ وَبَنٰتُكُمْ وَاَخَوٰتُكُمْ وَعَمّٰتُكُمْ وَخٰلٰتُكُمْ ع

رستو. حرام ڪيون ويون توهان تي توهان جون مائرون ۽ ڌيئرون ۽ ڀينرون ۽ پڦيون ۽ ماسيون

(اي مسلمانو!) اوها ن تي اوهان جو ن مائر ۽ اوهان جو ن ڌيئر ۽ اوهان جون ڀينر ۽ اوهان جون پڦيون ۽ اوهان جون ماسيون

وَبَنٰتُ الْاَخِ وَبَنٰتُ الْاُخْتِ وَاُمَّهٰتُكُمُ الّٰتِيْٓ اَرْضَعْنَكُمْ وَاَخَوٰتُكُمْ

۽ ڀاءُ جون ڌيئرون ۽ ڀيڻ جو ڌيئرون ۽ توهان جون اُهي مائرون جن ٿڃ پياري توهان کي ۽ ڀينرون توهان جون

۽ ڀائٽيون ۽ ڀاڻيجيون ۽ اُهي اوهان جون مائر جن اوهان کي ٿڃ پياري ۽ اوهان جون رضاعي (ٿڃ گڏ پيتل)

مِّنَ الرَّضَاعَةِ وَاُمَّهٰتُ نِسَآئِكُمْ وَرَبَآئِبُكُمُ الّٰتِيْ فِيْ حُجُوْرِكُمْ مِّنْ نِّسَآئِكُمُ

ٿڃ جون ۽ مائرون توهان جي زالن جون ۽ اڳ ڄايون توهان جون جيڪي پليون توهان جي هنج ۾ توهان جي انهن زالن مان

ڀينر ۽ اوهان جي زالن جون مائر (يعني سسون) ۽ اُهي اوهان جون اڳ ڄايون جيڪي اوهان جي هنجن ۾ پليون

الّٰتِيْ دَخَلْتُمْ بِهِنَّ ز فَاِنْ لَّمْ تَكُوْنُوْا دَخَلْتُمْ بِهِنَّ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ ز

جن کي ويجها ٿيا آهيو، پوءِ جيڪڏهن نہ آهيو ويجها ٿيا انهن کي تہ پوءِ ناهي ڪو گناهه توهان تي،

(۽) اوهان جي انهن زالن مان هجن جن کي اوهين ويجها ويا آهيو پر جيڪڏهن اوهين انهن (سندن مائرن) کي ويجها نہ ويا آهيو تہ اوهان تي

وَحَلَآئِلُ اَبْنَآئِكُمُ الَّذِيْنَ مِنْ اَصْلَابِكُمْ ۙ وَاَنْ تَجْمَعُوْا

۽ زالون توهان جي پٽن جون جيڪي توهان جي پٺين مان آهن ۽ حرام آهي گڏ ڪرڻ

گناهه نہ آهي، ۽ اوهان جي انهن پٽن جون زالون جيڪي (پٽ) اوهان جي پٺين مان (پيدا ٿيل) آهن. ۽ ٻن ڀينرن جو گڏ پرڻجڻ

بَيْنَ الْاُخْتَيْنِ اِلَّا مَا قَدْ سَلَفَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٢٣﴾ ۙ

ٻن ڀينرن جو مگر جيڪو اڳي ٿي گذريو، بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي.

(حرام ڪيو ويو آهي) پر جيڪي اڳ گذريو (سو گذريو) ڇو تہ الله بخشڻهار مهربان آهي.

